(سنڌي)

# بيمار عابد

يعني

(بيمارين جا 78 روحاني علاج)




شيخِ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي

دامت برکاتهم العالية

# بيمار عابد

هي رسالو "بيمار عابد" شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي **حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال مُحَمّد الياس عَطّار قَادِري رَضَوي** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو اردو زبان ۾ شايع ٿيل آهي.

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**پيشڪش: مجلسِ تراجم (دعوتِ اسلامي)**


**رابطي جي لاءِ:**

مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز

فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 1262

**Email:** translation@dawateislami.net


www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# بيمار عابد

شيطان يلي ڪيترو ئي سستي ڏياري هي رسالو مڪمل پڙهي وٺو اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ بيماري برداشت ڪرڻ جو جذبو وڌندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

سرڪارِ مدينه، راحتِ قلب و سينه، صاحبِ معطر پسينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ باقرينه آهي: اي انسانو! بي شڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن ۽ حساب ڪتاب کان جلد نجات حاصل ڪرڻ وارو اهو شخص هوندو جنهن توهان مان مون تي دنيا جي اندر بڪثرت درود شريف پڙهيا هوندا. (الفردوس بماءثور الخطاب ج5، ص 277 حديث 8175)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيمار عابِد

حضرت سَيِّدنا وَهب بن مُنَبِّہ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان منقول آهي: ته عابد يعني عبادت گذار پنجاهه سالن تائين اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪندا رهيا، پنجاهين سال جي آخر ۾ انهن مان هڪ عابد سخت بيمار ٿي پيو، اهو بارگاه ربّ الانعام عَزَّوَجَلَّ ۾ گريه و زاري ڪندي هيئن التجا ڪرڻ لڳو: اي منهنجا پاڪ پروردگار عَزَّوَجَلَّ! مون ايترا سال مسلسل تنهنجو حڪم مڃيو، تنهنجي عبادت ڪئي پوءِ به مون کي بيماري ۾ مبتلا ڪيو ويو، ان ۾ ڇا حڪمت آهي؟ منهنجا موليٰ عَزَّوَجَلَّ! مان ته آزمائش ۾ مبتَلا ڪيو ويو آهيان. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ فرشتن

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ اُن تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.(مسلم)**

کي حڪم فرمايو: ان کي چئو، ”تون اسان جي ئي امداد ۽ احسان ۽ عطا ڪيل توفيق سان اسان جي عبادت جي سعادت ماڻي، باقي رهي **بيماري**! تہ اسان توکي اَبرار جو رتبو ڏيڻ جي لاءِ بيمار ڪيو آهي. توکان پهريان جا ماڻهو تہ بيمارين ۽ مصيبتن جا خواهشمند هوندا هئا ۽ اسان توکي بغير گُهري عطا فرمائي ڇڏي.“ (عُيُون الْحِکايات حصّو 2 ص 312 بتصرّف)

## بيماري تمام وڏي نعمت آهي

**صَدرُ الشَّرِيعه**، **بَدرُ الطَّرِيقه**، حضرتِ علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا: **بيماري** بہ هڪ تمام وڏي نعمت آهي، ان جا بي شمار فائدا آهن، ماڻهو کي بظاهر ان کان تڪليف پهچندي آهي پر حقيقت ۾ راحت ۽ آرام جو تمام وڏو ذخيرو هٿ ايندو آهي. هي ظاهري بيماري جنهن کي ماڻهو بيماري سمجهندو آهي، حقيقت ۾ روحاني بيمارين جو هڪ وڏو زبردست علاج آهي. حقيقي بيماري اَمراضِ رُوحانيہ (مثلاً دنيا جي مَحَبّت، دولت جو حِرص، بُخل، دل جي سختي وغيره) آهن جو هي البتہ تمام خوف واري شيءِ آهي ۽ انهيءَ کي مرضِ مُهلِڪ (مُهـ + لِڪ. يعني هلاڪ ڪرڻ واري بيماري) سمجهڻ گهرجي. (بهارِ شريعت ج 1 ص 799)

یہ ترا جسم جو بیمار ہے تشویش نہ کر ۔۔۔ یہ مرض تیرے گناہوں کو مٹاتا ہے
اصل برباد کن امراض گناہوں کے ہیں ۔۔۔ بھائی کیوں اس کو فراموش کیا جاتا ہے

(وسائلِ بخشش (مُرمَّم) 432)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي. (جامع صغير)

# بيماري ۾ مؤمن ۽ منافق جو فرق

رَسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيمارين جو ذڪر ڪندي فرمايو: مؤمن جڏهن بيمار ٿئي پوءِ نيڪ ٿي وڃي، ان جي بيماري پُنين گناهن جو ڪَفارو ٿي ويندي آهي. ۽ آئنده جي لاءِ نصيحت ۽ منافق جڏهن بيمار ٿيو پوءِ نيڪ ٿيو، اُن جو مثال اُٺ وانگر آهي جو مالڪ ان کي ٻَڌو وري کولي ڇڏيو جو ان کي نہ هي معلوم تہ ڇو ٻَڌو، نہ هي تہ ڇو کوليو! (ابوداؤد ج3 ص 245 حديث 3089 ملّخصًا)

**حديثِ پاڪ جي شرح:** مفسّرِ شهير حڪيمُ الأُمّت حضرتِ مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان هن حديثِ پاڪ جي تحت "مرآت" جلد 2 صفحي 424 تي فرمائن ٿا: ڇو تہ **مؤمن** بيماري ۾ پنهنجي گناهن کان توبھ ڪندو آهي، اهو سمجهندو آهي تہ هي بيماري منهنجي ڪنهن گناهہ جي سبب آئي ۽ شايد هي آخري **بيماري** هجي جنهن کان پوءِ موت ٿي اچي، تنهن ڪري ان کي شفا سان گڏ مغفرت بہ نصيب ٿيندي آهي. (جڏهن تہ) **منافق** غافل اهو (ئي) سمجهندو آهي فلان سبب جي ڪري مان بيمار ٿيو هئس (مثلًا فُلان شيءِ کائي ورتي هئي، موسم جي تبديلي جي سبب بيماري آئي آهي، اڄ ڪلهہ ان بيماري جي هوا هلي آهي وغيره) ۽ فلان دوا سان مون کي آرام مليو (وغيره وغيره) اسباب ۾ اهڙو قائل رهندو آهي جو **مُسَبِّبُ الأسبَاب** (يعني سبب پيدا ڪرڻ واري رب عَزَّوَجَلَّ) ڏانهن نظر ئي نہ ويندي آهي، نہ ئي توبھ ڪندو آهي ۽ نہ ئي پنهنجي گناهن تي غور.
(مرأة المناجيح)

**فرمانِ مُصطفٰے** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو- (ابن عدي)**

مرض اسی نے دیا ہے دوا وہی دے گا
کرم سے چاہے گا جب بھی شفا وہی دے گا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# زخمي ٿيندي ئي کِلِي پيون (حڪايت)

حضرت سَيِّدنا فتح مَوصَلي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْوَالِی جي اهليه محترمه رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہَا کي پيري زور سان ڪِريون جنهن سبب ننهن مبارڪ ٽٽي پيو، پر سُور کان ”هائي هُو“ ڪرڻ جي بجاءِ کِلڻ لڳيون!! ڪنهن پڇيو: ڇا زَخم ۾ سور ناهي ٿي رهيو؟ فرمايو: ”صبر جي بدلي ۾ ملڻ واري ثواب جي خوشي ۾ مون کي ڏک جي تڪليف جو خيال ئي نه اچي سگهيو.“ (المجالسة للدينوري ج 3 ص 134)

امير المؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، علي المرتضيٰ شيرِ خدا ڪَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجْہَہُ الْکَرِیْم فرمائن ٿا: الله عَزَّوَجَلَّ جي عظمت ۽ معرفت جو حق هي آهي ته تون پنهنجي تڪليف جي شڪايت نه ڪر ۽ نه پنهنجي مصيبت جو تذڪرو ڪر. (منهاج القاصدين و مفيد الصادقين لابن الجوزي ص 1056)

(ضرورت جي بغير بيماري ۽ پريشاني جو بيان تي اظهار بي صبري آهي افسوس! معمولي نزلو ۽ زڪام يا مٿي ۾ سور ٿي وڃي ته ماڻهو خوامخواه هر هڪ کي چوندا رهندا آهن)

ٹوٹے گو سر پہ کوہِ بلا صبر کر
اے مُبلّغ! نہ تو ڈگمگا صبر کر
لب پہ حرفِ شکایت نہ لا صبر کر
ہاں یہی سُنّتِ شاہِ ابرار ہے
(وسائلِ بخشش (مرمّم) 473)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ اُن تي سؤ رحمتون نازل فرمائي ٿو-** (طبراني)

## مُصيبت لڪائڻ جي فضيلت

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيماري ۽ پريشاني تي شڪوه ڪرڻ جي بجاءِ صبر جي عادت بڻائڻ گهرجي جو شڪايت ڪرڻ سان مصيبت ختم نہ ٿي ويندي بلڪ بي صبري ڪرڻ سان صبر جو اَجر ضائع ٿي ويندو آهي. ضرورت جي بغير بيماري ۽ مصيبت جو اظهار ڪرڻ بہ سٺي ڳالهہ ناهي. جيئن تہ حضرت سَيِّدنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُمَا فرمائن ٿا تہ رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "جنهن جي مال يا جان ۾ مصيبت آئي پوءِ هن ان کي لڪايو ۽ ماڻهن سان ان جي شڪايت نہ ڪئي تہ الله عَزَّوَجَلَّ تي حق آهي تہ ان جي مغفرت فرمائي ڇڏي." (مُعجَم اَوسَط ج 1 ص 214 حديث 737)

## ڏاڙهہ ۾ سور جي سبب آئون سمهي نہ سگهيس! (حڪايت)

**حُجَّةُ الاسلام** حضرت سَيِّدنا امام محمد غزالي عَلَیْہِ رَحْمَةُ اللّٰہِ الْوَالِي نقل ڪن ٿا: حضرت سَيِّدُنا **اَحنف بِن قَيس** رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري منهنجي ڏاڙهہ ۾ شديد سور ٿيو جنهن جي سبب سڄي رات آئون سمهي نہ سگهيس. مون ٻئي ڏينهن پنهنجي **چاچا جان** عَلَیْہِ رَحْمَةُ الْمَنَّان جي خدمت ۾ شڪايت ڪئي تہ "**آئون ڏاڙهہ جي سور جي سبب سڄي رات سمهي نہ سگهيس**". ان ڳالهہ کي مون تي ڀيرا دُهرايو. ان تي انهن فرمايو: تون هڪ ئي رات ۾ ٽيڻ واري پنهنجي سور جي ايتري گهڻي شڪايت ڪري ڇڏي جڏهن تہ منهنجي **اک** کي ضايع ٿئي ٽيهہ سال ٿي چڪا آهن، (پلي ڏسڻ وارن کي معلوم

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي به هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچي ويندو آهي.** (طبراني)

هجي پر پنهنجي زبان سان) مون کڏهن به ڪنهن سان ان جي شڪايت نه ڪئي آهي! (احياءُ العلوم ج 4 ص 164)

اللّٰه ربُّ العِزَّت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجاهِ النّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## بيمار جي لاءِ تحفو

سرورِ دو عالَم، نُور مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعظّم آهي: جڏهن ڪو ٻانهو بيمار ٿيندو آهي ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان ڏانهن ٻه فرشتا موڪليندو آهي ته وڃي ڏسو منهنجو ٻانهو ڇا چئي رهيو آهي. بيمار جيڪڏهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي حمد و ثنا ڪندو (مثلًا اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ چوندو) آهي ته فرشتا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ وڃي ڪري ان جو قول عرض ڪندا آهن ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ خوب ڄاڻي ٿو. ارشادِ الٰهي ٿيندو آهي: ”جيڪڏهن مون ان ٻانهي کي ان بيماري ۾ موت ڏنو ته ان کي جنت ۾ داخل ڪندس ۽ جيڪڏهن صحّت عطا ڪئي ته ان کي پهريان کان به سٺو گوشت ۽ رت ڏيندس ۽ ان جا گناهه معاف ڪري ڇڏيندس.“ (مؤطا امام مالڪ ج2 ص 429 حديث 1798)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”فضلِ رب“ جي پنج اکرن جي نسبت سان بيماري جي فضائل تي 5 فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(1) بيشڪ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ٻانهي کي بيماري ۾ مبتَلا فرمائيندو رهندو آهي ايستائين جو ان جو هر گناهه مٽائي ڇڏيندو آهي.

(اَلْمُستَدرَڪ ج 1 ص 669 حديث: 1326)

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي-** (ابويعلي)

(2) جڏهن مؤمن بيمار ٿيندو آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي گناهن کان ايئن پاڪ ڪري ڇڏيندو آهي جيئن بَٺي لوهہ جي زنگ (ڪَٽُ) کي صاف ڪري ڇڏيندي آهي. (الترغيب والترهيب ج 4 ص 164 حديث 42)

(3) جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ ڪنهن مسلمان کي جسماني تڪليف ۾ مبتلا ڪندو آهي تہ فِرشتن کي فرمائيندو آهي: "جيڪو نيڪ عمل هي تندرستي جي حالت ۾ ڪندو هو ان جي لاءِ اهو ئي لکو". پوءِ جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ ان کي شفا عطا فرمائيندو آهي تہ ان جا (گناهہ) ڌوپجي ويندا آهن اهو پاڪ ٿي ويندو آهي ۽ جيڪڏهن ان کي موت اچي وڃي تہ ان جي مغفرت فرمائي ويندي آهي ۽ ان تي رحم ڪيو ويندو آهي. (مسند امام احمد بن حنبل ج 4 ص 297 حديث 12505)

(4) مريض جا گناهہ ايئن ڇڻندا آهن جيئن وڻ جا پن ڇڻندا آهن. (اَلتَّرغِيب وَالتَّرهِيب ج 4 ص 148 حديث 56)

(5) الله تعاليٰ فرمائي ٿو: جڏهن پنهنجي ٻانهي جون اکيون وٺي ڇڏيان پوءِ اهو صبر ڪري، تہ اکين جي بدلي ان کي جنت ڏيندس. (بخاري ج 4 ص 6 حديث 5653)

## بغير بيمار ٿئي وفات

**سرڪارِ مدينہ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زماني ۾ هڪ شخص جو انتقال ٿي ويو تہ ڪنهن چيو: "هي ڪيترو خوش نصيب آهي جو بِغير بيمار ٿئي فوت ٿي ويو." تہ رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: "توهان تي افسوس آهي! ڇا توهان کي خبر ناهي تہ جيڪڏهن

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان کي ڪنهن بيماري ۾ مبتلا فرمائي ها تہ ان جا گناهہ متائي ڇڏي ها.“ (موطّا امام مالڪ ج 2 ص 430 حديث 1801)

## هڪ رات جي بخار جو ثواب

**منا منا اسلامي ڀائرو!** بخار ۾ جسماني تڪليف ضرور آهي پر آخرت جا بي شمار فائدا آهن. تنهنڪري گهٻرائي شڪوه ۽ شڪايت ڪرڻ جي بجاءِ صبر ڪري اَجر ڪمائڻ گهرجي. حضرتِ سَيِّدُنا ابوهُريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي: جيڪو هڪ رات بخار ۾ مبتلا ٿئي ۽ ان تي صبر ڪري ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان راضي رهي تہ پنهنجي گناهن کان ايئن نڪري وڃي جيئن ان ڏينهن هيو جڏهن ان جي ماءُ کيس ڄڻيو هو. (شُعبُ الايمان ج 7 ص 167 حديث 9868)

## بخار محشر جي باهہ کان بچائيندو

**حُضُور تاجدارِ رسالت** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ مريض جي عيادت فرمائي تہ فرمايائون: توکي بشارت هجي تہ اللّٰه تعاليٰ فرمائي ٿو: بُخار منهنجي باهہ آهي ان لاءِ مان ان کي پنهنجي مؤمن ٻانهي تي دنيا تي مُسَلَّط ڪندو آهيان تہ جيئن قيامت جي ڏينهن ان جي باهہ جو حصو (يعني بدلو) ٿي وڃي. (ابن ماجہ ج 4 ص 105 حديث 3470)

## بُخار کي بُرو نہ چئو

**سرڪارِ مدينہ،** قرارِ قلب و سينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت سيِّدتنا اُمّ سائب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا وٽ تشريف وٺي ويا. فرمايائون: توکي ڇا ٿي ويو آهي جو ڏڪين پئي؟ عرض ڪيائون: بُخار اچي ويو آهي،

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ اَن تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

الله عَزَّوَجَلَّ ان ۾ برڪت نہ ڪري. ان تي پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "بُخار کي بُرو نہ چئو جو هي تہ ماڻهو جي خطائن کي ايئن ختم ڪري ڇڏيندو آهي جيئن ڀٺي لوهہ جي مير (ڪَٿُ) کي."
(مسلم ص 1392 حديث 2575)

مُفَسِّر شهير حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان هن حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: بيماريون هڪ يا ٻن عضون کي هونديون آهن پر بخار مٿي کان پيرن تائين هر رڳ ۾ اثر ڪندو آهي، تنهنڪري هي سڄي جسم جي خطائن ۽ گناهن کي معاف ڪرائيندو. (مراٰة المناجيح ج 2 ص 413)

يہ ترا جسم جو بيمار ہے تشويش نہ کر
يہ مرض تيرے گناہوں کو مٹا جاتا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سرڪار کي ٻن مَردن جي برابر بخار ٿيندو هو

حضرت سَيِّدنا عبدالله ابنِ مسعود رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا تہ مان بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيس ۽ جڏهن مون پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هٿ لڳايو تہ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! توهان کي تہ تمام تيز بخار آهي! فرمايائون: ها! مون کي توهان جي ٻن مَردن جي برابر بخار ايندو آهي. مون عرض ڪيو: ڇا اهو ان لاءِ جو اوهان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ ٻيڻو ثواب هوندو آهي؟ فرمايائون: ها!
(مسلم ص 1390 حديث 2571)

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو آن کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

## اسان کڏهن به ڪنهن جو بُرو نه چاهيو آهي!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪجھ ماڻهو بيمارين ۽ پريشانين تي بي صبري جو مظاهرو ڪندي هي چوندي نظر ايندا آهن ته اسان ته ڪڏهن ڪنهن جو بُرو نا هي چاهيو، ڪنهن جو ڪجھ ناهي بگاڙيو پوءِ به نه ڄاڻ اسان تي هي پريشانيون ڇو! اهڙن جي لاءِ بيان ڪيل حديثِ پاڪ ۾ ڪافي گهڻو درس موجود آهي، يقيناً اسان جي معصوم آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن به ڪنهن جو ڪجھ نه بگاڙيو هو، پوءِ به پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ٻين مَردن جي مقابلي ۾ ٻيڻو بخار ٿيندو هو ته معلوم ٿيو ته ”ٻين جو ڪجھ بگاڙڻ“ ئي بيمارين جو باعث ناهي هوندو، ۽ بيماريون ۽ پريشانيون مسلمان کي ثواب جو خزانو ڏيارينديون، گناهن کي معاف ڪرائينديون ۽ صبر ڪرڻ واري مسلمان کي جنت جو حقدار بڻائينديون آهن.

## مريض ۽ ڪلمهء ڪُفر

ڪيئي ڀيرا نادان ماڻهو بيماري ۽ مصيبت کان تنگ اچي ڪري الله تَعَالٰي تي اعتراض ڪندي ڪفريات بَڪي ڇڏيندا آهن، يقيناً اهڙي طرح انهن جي بيماري يا مصيبت ختم ته ناهي ٿيندي اُبتو انهن جي پنهنجي آخرت داءُ تي لڳي ويندي آهي. مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب ”کُفريه ڪلمات کے بارے میں سُوال جواب“ صفحي 179 تي آهي: جيڪڏهن ڪنهن بيماري، بيروزگاري، غربت يا ڪنهن مصيبت جي ڪري الله عَزَّوَجَلَّ تي اعتراض ڪندي چيو: ”اي منهنجا رب! تون مون تي ظلم ڇو ڪندو آهين؟ جڏهن ته مون ڪو گناهه ڪيو ئي ناهي.“ ته اهو ڪافر آهي.

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي جمعہ جي ڏينهن درود شريف پڙهندو قيامت جي ڏينهن مان ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)**

زباں پر شکوہء رنج والم لایا نہیں کرتے
نبی کے نام لیوا غم سے گھبرایا نہیں کرتے

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ثواب جي شوق ۾ گھُري بخار ورتو (حڪايت)

صحابہء ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جو ثواب ڪمائڻ جو جذبو صد ڪروڙ مرحبا! جو ثواب ڪمائڻ جي شوق ۾ دعا گھُري بخار حاصل ڪري ورتو! جيئن تہ حضرت سَيِّدنا ابو سعيد رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي تہ هڪ مسلمان عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسان جن بيمارين ۾ مبتلا ٿيندا آهيون اسان جي لاءِ ان ۾ ڇا آهي؟ ارشاد فرمايو: (هي بيماريون گناهن جا) ڪفارا آهن. حضرت سَيِّدنا اُبي بن ڪعب رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡهُ جن عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چاهي بيماري ٿوري (ننڍي) ئي هجي؟ فرمايو: ”چاهي ڪنڊو چُڀي يا ڪا بي تڪليف پهچي.“ تہ حضرت سَيِّدنا اُبي بن ڪعب رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡهُ جن پنهنجي لاءِ هي دُعا ڪئي (ياالله): ”مرڻ تائين بخار مون کان جدا نہ ٿئي ۽ هي بُخار مون کي حج، عمري، الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ جهاد ۽ فرض نماز باجماعت ادا ڪرڻ کان نہ روڪي.“ پوءِ انهن جي وصال تائين جنهن بہ کين هٿ لڳايو بُخار جي تپش محسوس ڪئي. (مسند احمد بن حنبل ج 4 ص 48 حديث 11183)

**الله ربُّ العِزَّت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن جمعه جي ڏينهن مون تي ﭔه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ﭔه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا.** (كنز العمال)

يقيناً مسلمانن جي لاءِ بيمارين ۽ پريشانين ۾ ﭔنهي جهانن جون ڀلايون آهن، بخار هجي يا ڪا ﭔي بيماري يا مصيبت ان سان گناهه معاف ٿيندا ۽ جنت جو سامان ٿيندو آهي.

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## راهِ خدا ۾ مٽي جي سُور جي فضيلت

نُور جي پيڪر، تمام نبين جي سَرور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي راهه ۾ مٿي جي سُور ۾ مبتلا ٿئي پوءِ ان تي صبر ڪري ته ان جا پُنيان گناهه معاف ڪيا ويندا“.

(مسند البزار ج 6 ص 413 حديث 2437)

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## طالبِ علمِ دين ۽ مدني قافلن جي مُسافرن جي لاءِ خوشخبري

سُبۡحٰنَ اللّٰه! راهِ خدا ۾ نڪرڻ وارن جو ﭔيو شان آهي! هن حديثِ پاڪ جي تحت مجاهدن کان علاوه علمِ دين جا طالب، حج ۽ عُمري جي لاءِ گهر کان نڪرڻ وارا ۽ سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ علمِ دين حاصل ڪرڻ جي غرض سان سفر ڪرڻ وارا عاشقانِ رسول ﭔه شامل آهن ڇو ته اهي سڀ راهِ خدا ۾ هوندا آهن تنهنڪري انهن مان ﭔه ڪنهن جي مٿي ۾ سور ٿيو ته اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جا پُنيان (صغيره) گناهه معاف ڪيا ويندا.

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهانجو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.** (جامع صغير)

## مٿي جي سُور جي شڪراني ۾ 400 رڪعت نفل (حڪايت)

منقول آهي تہ حضرت سَيِّدنا فتح مَوصَلي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْوَالِي ڪي مٿي ۾ سور ٿيو تہ خوش ٿي ارشاد فرمايو: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ مون کي اهو مرض عنايت فرمايو آهي جيڪو انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي درپيش ايندو هو تنهنڪري ان جو شڪرانو هي آهي تہ آئون 400 رڪعتون نفل پڙهان. (152 رحمت بھری حکایات ص 171)

## بخارءِ مٿي جو سور مُبارڪ مَرض آهن

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 561 صفحن تي مشتمل ڪتاب، "ملفوظاتِ اعليٰ حضرت" صفحي 118 تي آهي: (اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا) مٿي جو سُور ۽ بُخار اُهي مبارڪ مرض آهن جيڪي انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي ٿيندا هئا، هڪ وليُّ اللّٰه رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي مٿي ۾ سور ٿيو، پاڻ ان جي شُڪراني ۾ سڄي رات نفلن ۾ گذاري جو ربُّ العزّت تبارڪ و تعاليٰ مون کي اهو مرض ڏنو جيڪو انبياءِ ڪرام کي ٿيندو هو. اَللّٰهُ اَكْبَر! هتي (عوام جي) حالت هي آهي جو جيڪڏهن ٿورو بہ سور محسوس ٿيو تہ خيال ٿيندو آهي تہ جلد نماز پڙهي وٺان. پوءِ فرمايو: هر هڪ مرض يا تڪليف جسم جي جنهن جڳهہ تي ٿيندو آهي اهو وڏيڪ ڪَفّارو انهيءَ موقعي (يعني مقام) جو آهي جنهن جو تعلق خاص ان سان آهي پر بخار اهو مرض آهي جيڪو پوري جسم ۾ سرايَت ڪري ويندو آهي جنهن سان بِاِذْنِهٖ تَعَالٰى (يعني اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان) (بخار) هر هر رڳ جا گناهہ ڪڍي وٺندو آهي. (ملفوظاتِ اعليٰ حضرت ص 118)

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شَريف نہ پڙهي تہ اهو ماڻهن ۾ ڪنجوس ترين شخص آهي.** (ترغيب وترهيب)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## جنّتي خاتون (حڪايت)

**حضرت** سَيِدنا عطاء بن ابو رباح رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ حضرت سَيِّدنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا مون کي فرمايو: ڇا آئون توهان کي هڪ جنتي عورت نہ ڏيکاريان؟ مون عرض ڪيو: ضرور ڏيکاريو. فرمايو: هي حَبشي عورت، ان نبي ڪريم، رؤُوف رَّحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: يارسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مونکي مِرگهي[1] جو مرض آهي جنهن جي سبب آئون ڪِري پوندي آهيان ۽ منهنجو پردو کُلي ويندو آهي تنهنڪري الله عَزَّوَجَلَّ کان منهنجي لاءِ دُعا ڪريو. فرمايائون: "جيڪڏهن تون چاهين تہ صبر ڪر ۽ تنهنجي لاءِ جنت آهي ۽ جيڪڏهن چاهين تہ آئون الله عَزَّوَجَلَّ کان دُعا ڪريان تہ هو توکي عافيت عطا فرمائي." عرض ڪيو: آئون صبر ڪندس. وري عرض ڪيو: (جڏهن بہ مرگهي جو دورو پوندو آهي) منهنجو پردو کُلي ويندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ کان دعا ڪريو تہ منهنجو پردو نہ کُلندو ڪري. پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي لاءِ دعا فرمائي. (بخاري ج 4 ص 6 حديث 5652)

## دوا بہ سنّت آهي ۽ دعا بہ

**مُفسّرِ شَهير، حَڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان مرآت جلد 2 صفحي 427 تي فرمائن ٿا: ان مبارڪ عورت

[1] هڪ بيماري جنهن ۾ عضون ۾ جهٽڪا لڳندا آهن.

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)**

جو نالو سُعَيره يا سُقَيره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا آهي بي بي خديجہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہَا جي ڪنگهي چوٽي جي خدمت انجام ڏيندي هيون. (لمعات و مرقات)
(مرگهي جي سبب ڪري پوندي آهيان ۽ منهنجو پردو کُلي ويندو آهي) جي تحت مفتي صاحب لکن ٿا: يعني ڪِرڻ کان بعد مونکي جسم جو هوش نہ رهندو آهي، پوتي وغيره لهي ويندي آهي، ڊپ آهي تہ ڪڏهن بيهوشي ۾ سِتر (اوگهڙ) نہ ظاهر ٿئي. اڳتي هلي ڪري سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي طرف کان ان صحابيہ کي "شِفا يا صبر" جو اختيار ڏيڻ جي متعلق مفتي صاحب فرمائن ٿا: ان ۾ اشارةً معلوم ٿيو تہ ڪڏهن بيماري جي دوا ۽ مصيبتن ۾ دعا نہ ڪرڻ ثواب ۽ صبر ۾ شامل آهي ان جو نالو خودڪشي ناهي، خصوصًا جڏهن معلوم ٿي وڃي تہ هي مصيبت رب جي طرف کان امتحان آهي انهيءَ لاءِ (حضرت سَيِّدُنا) ابراهيم عَلَیْہِ السَّلَام نمرود جي باهہ ۾ وڃڻ وقت ۽ حضرت (سَيِّدُنا امام) حُسين (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ) ميدانِ ڪربلا ۾ دَفْعِيہ (دَف+ عِي+ يہ. يعني آزمائش ختم ٿيڻ) جي دُعا نہ ڪئي، نہ تہ عام حالتن ۾ **دوا بہ سنّت آهي ۽ دُعا بہ.** (مراٰة المناجيح)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مرگهي جو روحاني علاج

سُوْرَةُ الشَّمْس **پڙهي مِرگهي واري جي ڪن ۾ ڦوڪ هڻڻ تمام مفيد آهي.**

(جنتي زيور، ص 602)

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي- (عبدالرزاق)**

## نَس چڙهي وڃڻ جي فضيلت

اُمُّ المؤمنين حضرت سَيِّدَتُنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھا فرمائن ٿيون تہ مون نُور جي پيڪر، تمام نبين جي سرور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو: جڏهن مؤمن جي نس (رَڳ) چڙهي ويندي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جو هڪ گناه مٽائي ڇڏيندو آهي، ان جي لاءِ هڪ نيڪي لکندو آهي ۽ ان جو هڪ درجو بلند فرمائيندو آهي.

(مُعجَم اوسط ج 2 ص 48 حديث 2460)

## پيٽ جي بيماري ۾ مرڻ جي فضيلت

سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ راحت نشان آهي: مَنْ قَتَلَهُ بَطْنُهُ لَمْ يُعَذَّبْ فِيْ قَبْرِهٖ يعني جنهن کي سندس پيٽ (جي بيماري) ماريو ان کي عذابِ قبر نہ ٿيندو. (ترمذي ج 2 ص 334 حديث 1066)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الأُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان ان جي شرح ۾ فرمائن ٿا: يعني پيٽ جي بيماري ۾ مرڻ وارو عذابِ قبر کان محفوظ آهي ڇو جو ان کي دنيا ۾ ان مرض جي سبب وڏي تڪليف پهچي چڪي، هي تڪليف قَبر جو دَفْعِيَّہ (يعني پَري ڪرڻ واري) بڻجي وئي. (مراة ج 2 ص 425)

## ”يا حسين“ جي ڇهاڪرن جي نسبت سان 6 طرح جي بيمارين ۾ مرڻ وارن شهيدن جي نشاندهي

### ڪجھ بيمارين ۾ مرڻ وارو شهيد آهي

(1) ”پيٽ جي بيماري ۾ مرڻ وارو.“ (ان جي حاشيي ۾ صَدرُالشَّريعہ رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: ان مان مراد اِستِسقا (اِسّ+ تِسّ+ قا. يعني اهڙي بيماري

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ ان مون تي درودِ پاڪ نه پڙهيو تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو- (ابن سني)**

جنهن ۾ پيٽ وڏي ويندو آهي ۽ اُڄ گهٽي لڳندي آهي) يا دَست (Motion) اچڻ" بئي قول آهن ۽ هي لفظ ٻنهي کي شامل ٿي سگهي ٿو تنهنڪري ان جي فضل مان اميد آهي ته ٻنهي کي شهادت جو اجر ملندو) (2) ذاتُ الجَنْب (ذاتُ + لْ+ جَنْب. يعني ڪُک يا پاسراٽي جي سُور) ۾ مرڻ وارو. (3) سِل (جو ان ۾ ڦڦڙن ۾ زخم ٿي ويندا آهن ۽ وات مان رت اچڻ لڳندي آهي ان مَرَض) ۾ مرڻ وارو. (4) بُخار ۾ مرڻ وارو (5) مرگهي ۾ مرڻ وارو. (6) جيڪو مَرَض ۾ لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ سُبْحَانَكَ اِنِّيْ كُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ 40 ڀيرا پڙهي ۽ انهيءَ مرض ۾ مري وڃي (اهو شهيد آهي) ۽ ٺيڪ ٿي ويو ته ان جي مغفرت ٿي ويندي.

(تفصيل جي لاءِ پڙهو بهارِ شريعت ج 1 ص 857 کان 863 مڪتبة المدينه)

## مريض جي عِيادت جو ثواب

**حضرت** سَيِّدنا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته حُضُور پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاحِ اَفلاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: مُوسٰي (عَلَيْهِ السَّلَام) الله عَزَّوَجَلَّ کي عرض ڪيو: مريض جي **عِيادت** ڪرڻ واري کي ڇا اَجر ملندو؟ ته الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمايو: "ان جي لاءِ ٻه فرشتا مقرر ڪيا ويندا جيڪي قبر ۾ هر روز ان جي **عِيادت** ڪندا ايستائين جو قيامت اچي وڃي." (الفِردوس بماثور الخطاب ج 3 ص 193 حديث 4536)

## بيمار کي دُعا جي لاءِ چئو

**رسولِ** اڪرم، نُورِ مجسَّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عظمت نشان آهي: جڏهن توهان ڪنهن بيمار وٽ وڃو ته ان کي پنهنجي لاءِ دُعا جي لاءِ چئو جو ان جي دُعا فرشتن جي دُعا وانگر آهي.

(ابن ماجه ج 2 ص 191 حديث 1441)

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.** (جامع صغير)

## عِيادت ڪرڻ وقت جي هڪ سُنت

**حُضُور تاجدارِ رسالت** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ اعرابي جي عيادت جي لاءِ تشريف وٺي ويا ۽ عادتِ ڪريمه هي هئي تہ جڏهن ڪنهن مريض جي عيادت جي لاءِ تشريف وٺي ويندا هئا تہ هي فرمائيندا هئا: لَا بَأْسَ طَهُوْرٌ اِنْ شَآءَاللّٰهُ (يعني ڪا حرج جي ڳالھ ناهي الله تعالٰي چاهيو تہ هي مرض (گناهن کان) پاڪ ڪرڻ وارو آهي) ان اعرابي کي بہ اهو ئي فرمايو: لَا بَأْسَ طَهُوْرٌ اِنْ شَآءَاللّٰهُ. (بخاري ج 2 ص 505 حديث 3616)

## عِيادت ۾ ست ڀيرا پڙهڻ جي دُعا

**حضرت سَيِّدنا ابنِ عباس** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ نور جي پيڪر، تمام نبين جي سرور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنهن ڪنهن اهڙي مريض جي عيادت ڪئي جنهن جي موت جو وقت ويجهو نہ آيو هجي ۽ ست ڀيرا هي لفظ چوي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي ان مرض کان شفا عطا فرمائيندو:

اَسْاَلُ اللّٰهَ الْعَظِيْمَ رَبَّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ اَنْ يَّشْفِيَكَ

**يعني مان عظمت واري، عرشِ عظيم جي مالڪ الله** عَزَّوَجَلَّ **کان تنهنجي لاءِ شِفا جو سُوال ڪيان ٿو.** (ابو داؤد ج 3 ص 251 حديث 3106)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي به هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچي ويندو آهي.** (طبراني)

# ”چل مدينه“ جي ست اکرن جي نسبت سان عيادت جا 7 مدني گل

۞ مريض جي عيادت ڪرڻ سنّت آهي ۞ جيڪڏهن معلوم آهي ته عيادت جي لاءِ ويندو ته ان بيمار تي ناگوار گذرندو اهڙي حالت ۾ عيادت نه ڪري۞ عيادت جي لاءِ وڃي ۽ مرض جي سختي ڏسي ته مريض جي سامهون اهو ظاهر نه ڪري ته تنهنجي حالت خراب آهي ۽ نه مٿو هلائي جنهن سان حالت جو خراب هئڻ سمجهيو ويندو آهي ۞ ان جي سامهون اهڙيون ڳالهيون ڪري جيڪي ان جي دل کي سنيون لڳن۞ ان جي مزاج پُرسي ڪري ۞ ان جي مٿي تي هٿ نه رکي پر جڏهن اهو پاڻ ان جي خواهش ڪري۞ فاسق جي عيادت به جائز آهي ڇو جو عيادت حقوقِ اسلام مان آهي ۽ فاسق به مسلمان آهي. (بهارِ شريعت ج 3 حصو 16 ص 505 ملخّصًا)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيماري ۾ ڪوڙ

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** صد ڪروڙ افسوس! وڏو نازڪ دور آهي، ”ڪوڙ“ ڳالهائڻ جهڙي حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ واري ڪم کان ٻچڻ جو ذهن تمام گهٽ رهجي ويو آهي، نه خوفِ خدا آهي نه شرمِ مصطفيٰ، نه عذابِ قبر جو خوف آهي نه دوزخ جو ڪٽڪو، هر طرف ڄڻ ته! ڪوڙ! ڪوڙ! ۽ بس ڪوڙ جو راڄ آهي! يقين ڪريو! بيمار هجي يا تيماردار (مريض جي پرگهور لهڻ وارو)، مريض

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو- (ابن عدي)**

هجي يا مزاج پُرسي ڪرڻ وارو، رشتي دار يا دوست يا پاڙيسري جنهن کي ڏسو! بي خوف ڪوڙ ڳالهائيندي نظر اچي رهيو آهي. جيئن ته هي رسالو بيماري جي متعلق آهي تنهنڪري اُمّت جي خيرخواهي جي لاءِ "بيماري" جي ڪجھ جُدا جُدا عنوانن تي ڳالهائي ويندڙ ڪوڙ جا ڪجھ مثال پيش ڪيا وڃن ٿا:

## معمولي بيماري کي سخت بيماري چوڻ جي متعلق ڪوڙ جا 6 مثال

**جنهن** قسم جي مُبَالَغي جو عادتًا رواج آهي ماڻهو ان کي مبالغي تي ئي گمان ڪندا آهن ان جي حقيقي معنيٰ مراد نه وٺندا آهن اهو ڪوڙ ۾ داخل ناهي، مثلاً هي چيو ته آئون توهان وٽ هزار ڀيرا آيس يا هزار ڀيرا مون توهان کي هي چيو. هتي هزار جو عدد مراد ناهي بلڪ گهڻا ڀيرا اچڻ ۽ چوڻ مراد آهي، هي لفظ اهڙي موقعي تي نه ڳالهايو ويندو جو هڪ ئي ڀيرو آيو هجي يا هڪ ڀيرو ئي چيو هجي ۽ جيڪڏهن هڪ ڀيرو آيو ۽ هي چئي ڇڏيو ته هزار ڀيرا آيس ته ڪوڙو آهي. (ردُّالمحتار ج 9 ص 705) ﴾1﴿ ڪڏهن ڪڏهن بيماري جو تذڪرو ڪرڻ ۾ اهڙو مبالغو ڪيو ويندو آهي جو عُرف ۽ رواج ۾ ماڻهو ان حد جي بيماري کي بيان ڪرڻ جي لاءِ مبالغي جا اهڙا لفظ استعمال ناهن ڪندا، مثلاً: ڪنهن کي معمولي بيماري هجي ان جي باري ۾ چوڻ: "هن جي طبيعت تمام گهڻي ناساز آهي" هي ڪوڙ آهي﴾2﴿ اجتماع وغيره ۾ حقيقت ۾ ته ڪنهن ٻئي

سبب شرڪت نہ ڪئي ۽ اتفاق سان ڪا معمولي بيماري بہ هئي پر غير حاضري جو سبب بيماري نہ هئڻ جي باوجود چيو: ” آئون سخت بيمار هئس ان لاءِ نہ اچي سگهيس.“ ان جملي ۾ گناهن ڀريا بہ ڪوڙ آهن! (الف) معمولي بيماري کي ”سخت بيماري“ چيو (ب) بيماري کي غيرحاضري جو سبب قرار ڏنو جڏهن تہ سبب ڪجھ ٻيو هو ﴿3﴾اهڙي طرح معمولي بُخار ٿيو ۽ چيو: ”مونکي ايترو تيز بُخار هو جو سڄي رات سمهي نہ سگهيس“﴿4﴾ڪم جي لاءِ چئجي تہ معمولي ٿڪاوٽ هئڻ جي باوجود جان ڇڏائڻ جي لاءِ چوڻ: ”آئون گهڻو ٿڪل آهيان ڪنهن ٻئي کي ڪم جو چئو“ ها صرف ايترو چيو: ”ٿڪل آهيان“ تہ ڪوڙ ناهي يا ﴿5﴾ معمولي سُور هجي تڏهن بہ چوڻ: منهنجي ٽنگن ۾ شديد سُور آهي﴿6﴾ اهڙي طرح ڪورٽ ڪچهري ۾ پيشي وغيره کان بچڻ جي لاءِ معمولي بيماري کي وڌو ڪري پيش ڪرڻ مثلاً چوڻ: ان جي دل جي شريان (VEIN) بند آهي، دل جو دورو پئجي سگهي ٿو وغيره.

## ڏکن جي باوجود نيڪين سان ڀرپور جوابن جا مثال

مزاج پرسي ڪرڻ ۾ اڪثر رسمي سوالن جو تڪرار ٿيندو آهي مثلاً: ڇا حال آهي؟ خيريت آهي؟ عافيت آهي؟ توهان ڪيئن آهيو؟ صحت ڪيئن آهي؟ ٻيو ٻڌايو طبيعت نيڪ آهي؟ نيڪ ناڪ آهيو نہ؟ ڪا پريشاني تہ ناهي؟ وغيره وغيره. تجربو هي آهي تہ عام طور تي پڇڻ وارو صرف ڳالهائڻ جي ڪري ڳالهائي رهيو

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي به هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان ِجو درود مون تائين پهچي ويندو آهي.** (طبراني)

هوندو آهي، حقيقت ۾ مُخاطَب (جنهن جي مزاج پُرسي ڪري رهيو آهي ان) جي طبيعت ۾ ان کي ڪا دلچسپي ناهي هوندي. هاڻي جيڪڏهن اهو شخص جنهن کان سُوال ڪيو ويو بيمار، ٽينشن جو شڪار، قرض دار ۽ مشڪلات ۾ گرفتار هجي ۽ پنهنجي مرضن ۽ ڏکن جي فائل کولي ڇڏي ۽ پريشانين جي فهرست بيان ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي ته خود مزاج پُرسي ڪرڻ وارو امتحان ۾ پئجي وڃي! تنهنڪري جنهن کان طبيعت پڇي وئي اهو چاهي ته شڪرِ الٰهي جي نيّت سان مختلف نعمتن مثلاً: ايمان جي دولت ملڻ، دامنِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هٿ ۾ هجڻ جو تصور بڌي هن طرح جواب ڏئي ثواب ڪمائي سگهي ٿو: ﴿1﴾ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه ﴿2﴾ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ عَلٰی کُلِّ حَالٍ (يعني هر حال ۾ الله جو شڪر آهي) ﴿3﴾ مالڪ جو وڏو ڪرم آهي﴿4﴾ الله تعالٰي جي رحمت آهي وغيره. اهڙي طرح الله تعالٰي جي عطا ڪيل بين نعمتن جي مقابلي ۾ پنهنجي تڪليفن کي تمام گهٽ تصور ڪندي به شڪرِ الٰهي جي نيّت سان يا رحمتِ **الٰهي جي اُميد** تي بيان ڪيل چار جوابن مان ڪو به جواب ڏئي سگهي ٿو. ياد رهي! جيڪڏهن بيماري تي توجهه آهي پر ان جي باوجود بِغير شَرۡعِي رُخصت جي اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ عَلٰی کُلِّ حَالٍ، مالڪ جو ڪرم آهي يا اهڙي طرح جو ڪو جملو چوڻ جنهن سان بيمار هجڻ جي باوجود انهيءَ مرض جي متعلق صحت بهتر ٻڌائڻ مقصود هجي جنهن جي باري ۾ پڇيو پيو وڃي ته هي گناهه پريو ڪوڙ آهي.

**فرمانِ مُصطفٰے** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ اُن تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

## مزاج پُرسي جي جواب ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ جا 9 مثال

**جڏهن** ڪنهن کان پڇيو ويندو آهي: توهان جي طبيعت ڪيئن آهي؟ ته طبيعت ناساز هئڻ جي باوجود گهڻو ڪري اهڙي طرح جا جواب ملندا آهن: ﴿1﴾ نيڪ آهيان ﴿2﴾ بلڪل نيڪ آهيان ﴿3﴾ صفا نيڪ آهيان ﴿4﴾طبيعت فرسٽ ڪلاس آهي ﴿5﴾ اي ون طبيعت آهي ﴿6﴾ ڪنهن قسم جي تڪليف ناهي ﴿7﴾مزي ۾ آهيان﴿8﴾ ذري برابر ڪو مسئلو نہ آهي ﴿9﴾ بلڪل فِٽ آهيان.

مريض جي طرف کان ڏنا ويندڙ ذڪر ڪيل 9 جواب گناهہ ڀريا ڪوڙ آهن. ڪنهن حد تائين مريض جي جواب ڏيڻ ۾ ڪا صحيح تاويل (يعني بچاءَ جو سچو دليل) يا دُرُست نيّت هجي تہ گناهہ کان بچت ممڪن آهي پر عُمومًا بغير ڪنهن نيّت جي ئي ذڪر ڪيل ۽ ان سان ملندڙ جلندڙ ڪوڙا جواب ڏنا ويندا آهن. جيڪڏهن بيماري ذهن ۾ نہ هجي، جيئن عارضي يعني وقتي طور تي ملڻ واري آرام تي انسان پنهنجي بيماري وساري ڇڏيندو آهي تہ اهڙي حالت ۾ ”نيڪ آهيان“ وغيره چئي ڇڏيو تہ گناهہ ناهي ڳڏوڳڏ معمولي مرض ۾ بيماري کي ناقابلِ ذڪر سمجهندي يا اڪثر مرض نيڪ ٿي وڃڻ تي ۽ معمولي رهجي وڃڻ جي صورت ۾ بہ”نيڪ آهيان“ چوڻ ۾ ڪو حرج ناهي البتہ اهڙي موقعي تي بلڪل نيڪ آهيان، فرسٽ ڪلاس طبيعت آهي، اي ون آهيان، ذري برابر بہ ڪو مسئلو نہ آهي ۽ انهيءَ معنيٰ جا ٻيا لفظ چوڻ گناهہ ڀريا ڪوڙ شمار ٿيندا.

## اَلْحَمْدُلِلّٰهِ عَلٰى كُلِّ حَالٍ چوڻ جي هڪ نيت

**ڪنهن** طبيعت معلوم ڪئي ۽ مريض جي وات مان بغير ڪنهن نيّت جي بي اختيار نڪتو: ”اَلْحَمْدُلِلّٰه“ تہ ان ۾ حرج ناهي. يا بيماري جي طرف توجهہ هجڻ جي باوجود ”نيڪ آهيان“ جي معنيٰ ۾ نہ بلڪ هر حال ۾ شڪرِ الٰهي بجا آڻڻ جي نيّت سان چيو: اَلْحَمْدُلِلّٰهِ عَلٰى كُلِّ حَالٍ (يعني هر حال ۾ الله جو شڪر آهي) تہ ان صورت ۾ بہ ڪوڙ ناهي.

## مريض ڪي تسلي ڏيڻ جي لاءِ ڳالهايا ويندڙ ڪوڙ جا 13 مثال

(جيڪا ڳالهہ سچ جو اُلٽ آهي اهو ڪوڙ آهي)

**هيٺ** جيڪي جملا بيان ڪيا ويا آهن اهي ڪوڙ بہ ٿي سگهن ٿا ۽ نہ بہ، ايئن ئي انهن جي ڳالهائڻ ۾ اجازت جي بہ صورت ٿي سگهي ٿي ۽ نہ بہ، ان لاءِ جيڪڏهن ڪو بيو شخص هي جملا ڳالهائي تہ اسان ان جي باري ۾ گناهگار هجڻ جي بدگماني نہ ڪيون البتہ پنهنجي حد تائين اهي جملا ڳالهائڻ جي وقت ڳالهہ جي صداقت ۽ پنهنجي نيّت جو خيال رکون. سمجهائڻ جي نيّت سان هڪ مثال عرض آهي تہ جيئن هڪ ماڻهو اسان جي سامهون تيل گيهہ وارو (سٽيو) ڪاڏو ڪاڏائين ۽ بئي شخص کي چيائين تہ آئون پرهيزگار آهيان تہ ضروري ناهي تہ هي چوڻ ڪوڙ هجي چو جو

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنھن مون تي ھڪ ڀيرو درود پاڪ پڙھيو الله تعاليٰ اَن تي ڏھ رحمتون موڪليندو آھي.** (مسلم)

تي سگھي ٿو ته ڊاڪٽر مھيني ۾ ھڪ ڀيرو اھڙي ڪاڏي ڪاڻڻ جي اجازت ڏني ھجي يا ھي جملو چوڻ وقت چوڻ واري جي توجّھ پنھنجي ڪاڏي جي طرف نه رھي ھجي. اھڙي طرح ٻين جملن ۾ به تمام گھڻا احتمالات (امڪانات) ۽ قياسات (اندازا) ٿي سگھن ٿا.

﴿1﴾ توھان ته مَاشَآءَاللّٰه تمام صبر (يا ھمت) وارا آھيو ﴿2﴾توھان ته وڏا وڏا ڏک ڏٺا آھن پر ڪڏھن "اُف" به ناھي ڪيو. ﴿3﴾توھان ته ھميشه صبر ئي ڪيو آھي ﴿4﴾واھ! ادا واھ! توھان جي چھري تي ته "پاڻي" اچي ويو آھي﴿5﴾ مَاشَآءَاللّٰه ھاڻي ته توھان بلڪل نيڪ ٺيڪ ٿي چڪا آھيو! ﴿6﴾ توھان ته بيمار لڳو ئي نه پيا! ﴿7﴾ توھان جي بيماري پڄي وئي آھي! ﴿8﴾ نه! نه! توھان کي ته ڪجھ به ناھي ٿيو﴿9﴾ مبارڪ ھجي! توھان جون سڀ رپورٽون ڪليئر آيون آھن﴿10﴾ ڳڻتي جوڳي مرض تي مطلع ٿيڻ جي باوجود چوڻ: "گھٻرائڻ جي ڪا ڳالھ ناھي، ڊاڪٽر ته خوامخواھ ڊيڄاريندا آھن"﴿11﴾ فلاڻ کي به اھو مرض ٿيو ھو ٻن ڏينھن ۾ نيڪ ٺيڪ ٿي ويو ھو تون به جلدي ٺيڪ ٿي ويندين. (جنھن مريض جو حوالو ڏئي رھيا ھوندا آھن ان جو حقيقت جي دنيا ۾ ڪو وجود ئي نه ھوندو آھي) ﴿12﴾ بخار ۾ تپندڙ مريض جي نبض تي ھٿ رکي ڪري جاچي واڻي چوڻ:"نه ياءُ! نه! توکي ڪو بخار وغيره ناھي" ﴿13﴾دل جي تائيد نه ھئڻ جي باوجود فقط تسلي ڏيڻ جي لاءِ سخت بيمار کي چوڻ: "ياءُ! تون ته ننڍي بيماري ۾ دل ھاري وينئين!"

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي-** (ابويعلي)

# مريض جي ڪوڙ ڳالهائڻ جا 13 مثال

(جيڪا ڳالهه سچ جو اُلٽ آهي اها ڪوڙ آهي)

﴿1﴾ڪينسر وغيره جي انديشي جي موقعي تي چوڻ: ”مونکي پنهنجي بيماري جي ڪا پرواهه ناهي، بس ننڍن ننڍن ٻارن جو فڪر آهي“ ﴿2﴾مون وٽ بلڪل گنجائش ناهي، مان علاج جو خرچ برداشت ڪري ئي نه ٿو سگهان (جڏهن ته چڱي خاصي رقم جمع ڪري رکيل هوندي آهي) ﴿3﴾ گنجائش هئڻ جي باوجود ماڻهن جون همدرديون جمع ڪرڻ لاءِ چوڻ: مون وٽ ڪائڻ لاءِ پيسو ناهي علاج لاءِ ڪٿان ڪان آڻيان! ﴿4﴾ آئون فُل پرهيز ڪري رهيو آهيان (حالانڪ ڪٿي دعوت هجي ته ”جناب“ سپ ڪان پهريان پهچي ويندا آهن) ﴿5﴾ ڊاڪٽر صاحب بلڪل وقت تي دوا پي رهيو آهيان (حالانڪ خوب ناغو ڪري رهيو هوندو آهي) ﴿6﴾ شوگر جي مريض جو چوڻ: مان منائي چکيندو به ناهيان (جڏهن ته ويچارا منائي ڪائڻ کان باز نه رهي سگهندا آهن) ﴿7﴾ ڪنهن موٽي شخص کي وزن گهٽ ڪرڻ جو همدردانه مشورو ملڻ تي جواب: آئون ڪاڌي پيتي ۾ ڪافي احتياط ڪري رهيو آهيان (حالانڪ ڪڙهائي گوشت هجي يا فرائي گوشت، شربت هجي يا ٿڌي بوتل ، قورمو هجي يا برياني، ڪباب هجي يا سموسو جيڪو به ان جي سامهون ايندو آهي بچي ڪري ناهي ويندو) ﴿8﴾ مرض جي طرف توجهه هئڻ جي باوجود چوڻ: چڱو ڀلو آهيان ﴿9﴾آئون بيمار نه آهيان ﴿10﴾ شڪوه شڪايت جو ڍير لڳائڻ کان پوءِ چوڻ: ”مون صبر جو دامن هٿ مان ناهي ڇڏيو“ (هي گناهه ڀريو ڪوڙ انهي صورت ۾ ٿيندو جڏهن ڳالهائڻ وقت صبر جي تعريف جي طرف ڌيان هجي) ﴿11﴾ تڪليف جي شدت جي باوجود چوڻ: ”نه! نه! مونکي ڪا

تڪليف نہ ٿي رهي آهي!“ ﴿12﴾ مون کي بيماري جو غم ناهي پنهنجي وقت جي ضايع ٿيڻ جو افسوس ٿي رهيو آهي ﴿13﴾ خيراتي شفاخاني ۾ مفت علاج ڪرائڻ جي باوجود چوڻ: ”علاج جا سڀ خرچ مون پاڻ برداشت ڪيا آهن ڪنهن رسمي طور بہ تعاوُن جي پيشڪش نہ ڪئي.“

## بيمارين جا 78 روحاني علاج

(بيان ڪيل طِبّي ۽ ديسي علاج پنهنجي طبيب جي مشوري سان ڪريو)

## بُخار جا چار رُوحاني علاج

﴿1﴾ بُخار وارو ڪثرت سان بِسۡمِ اللّٰهِ الۡكَبِيۡر پڙهندو رهي. ﴿2﴾ گرمي جو بخار هجي تہ يَاحَيُّ يَاقَيُّوۡمُ 47 دفعا لکي (يا لکرائي) پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪرائي چمڙي يا ريگزين يا ڪپڙي ۾ سبي ڳلي ۾ پائي ڇڏيو اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلّ هر قسم جي بُخار مان نجات ملندي. ﴿3﴾ يَا غَفُوۡرُ ڪاغذ تي ٽي پيرا لکي (يالکرائي) پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪرائي چمڙي يا ريگزين يا ڪپڙي ۾ سبي ڳلي ۾ پائي ڇڏيو يا ٻانهن ۾ ٻَڌي ڇڏيو، اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلّ هر قسم جي **بُخار** کان نجات ملندي.

﴿4﴾ لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ 30 پيرا ڪاغذ تي لکي پاڻي جي بوتل ۾ وجهي مريض کي ڏينهن ۾ ٽي پيرا ٿورو ٿورو پاڻي پياريو اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلّ بُخار لَهي ويندو، ضرورت موجب وڌيڪ پاڻي شامل ڪندا رهو.

(مدت علاج: شفا حاصل ٿيڻ تائين)

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي به هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچي ويندو آهي.** (طبراني)

## (5) اهڙي بُخار جو روحاني علاج جيڪو دوائن سان نه ويندو هجي

**عمل** جي دوران مريض سوٽي (يعني COTTON جا) ڪپڙا پائيندو رهي (ڪي.ٽي يا ٻئي مصنوعي ڌاڳي سان نهيل ڪپڙا نه هجن) هاڻي ڪو دُرُست قرآن پڙهڻ وارو باوضو هر ڀيري بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ سان گڏ بآوازِ بُلند 21 دفعا سُوۡرَةُ الۡقَدۡر اهڙي طرح پڙهي جو مريض ٻُڌي، مريض تي به دَم ڪري ۽ پاڻيءَ جي بوتل تي به دَم ڪري. مريض وقت بَوقت ان مان پاڻي پيئندو رهي. هي عمل ٽن ڏينهن تائين مسلسل ڪريو اِنۡ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ بُخار لهي ويندو.

## ﴾6﴿ ننڊَ نه اچڻ جا ٻه رُوحاني عِلاج

**جنهن** کي سُور وغيره جي سبب ننڊ نه ايندي هجي ان وٽ ڪثرت سان لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ پڙهڻ سان ان کي اِنۡ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ننڊ اچي ويندي گڏوگڏ الله رَبُّ العِزَّت جي رَحمت سان مريض جلد صحتياب ٿي ويندو. (مريض کي پڙهڻ جو آواز نه پهچي ان جو احتياط ڪريو)

﴾7﴿ جيڪڏهن ننڊ نه ايندي هجي ته لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ 11 ڀيرا پڙهي پنهنجو پاڻ تي دَم ڪري ڇڏيو اِنۡ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ننڊ اچي ويندي.

## جانورن جي چڪ هڻڻ ۽ انهن کان حفاظت جا 3 رُوحاني علاج

﴾8﴿ جتي زهريلي جانور چڪ هنيو هجي ان جي پر پاسي آڱر گُهمائيندي هڪ ساهه ۾ 11 بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ پڙهي دَم ڪري اِنۡ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ زهر جو اثر زائل (يعني ختم) ٿي ويندو.

﴿9﴾ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ 11 ڀيرا لکي (يا لکرائي) ٻار جي ڄمڻ کان پوءِ فورًا وهنجاري ٻار کي پارائي ڇڏڻ سان اِنۡ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ مُوذي جانور ۽ پيچش جي مرض کان حفاظت ٿيندي.

﴿10﴾ جيڪڏهن رستي ۾ ڪُتو ڀونڪڻ ۽ حملو ڪرڻ لڳي ته يَا حَيُّ يَا قَيُّوۡمُ 3 ڀيرا پڙهي وٺو اِنۡ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ ڪُتو چُپ چاپ واپس هليو ويندو.

## جنات جي اثرات جا 3 رُوحاني علاج

﴿11﴾ بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم 21 ڀيرا رات جو جيڪو سمهڻ وقت پڙهي وٺي، ان رات اهو هر قسم جي ناگهاني (اچانڪ ٿيڻ واري) حادثن، شرير جنات جي حملن ۽ اچانڪ موت کان محفوظ رهندو. اِنۡ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ

﴿12﴾ يَا اَللّٰهُ يَا حَيُّ يَا قَيُّوۡمُ جو آسيب ۾ ورتل ڪثرت سان ورد ڪندو رهي، اِنۡ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ آسيب ختم ٿي ويندو.

﴿13﴾ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ 41 ڀيرا لکي (يا لکرائي) پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪرائي چمڙي يا ريگزين يا ڪپڙي ۾ سبي ٻانهن ۾ ٻڌي يا ڳلي ۾ پائي ڇڏي اِنۡ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ اثرات ختم ٿي ويندا.

## ﴿14﴾ سمهندي ڪا شيءِ تنگ ڪندي هجي يا....

ننڊ نه ايندي هجي، ڊيڄاريندڙ خواب ايندا هجن، ننڊ ۾ جسم تي وزن پوندو هجي يا ائين محسوس ٿيندو هجي جيئن ڪو پڪڙي

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: توهان جتي به هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچي ويندو آهي. (طبراني)

رهيو آهي ۽ پڻ جنّ، جادو وغيره بلا ۽ آفت کان حفاظت جي لاءِ سمهندي سجي عمر روزانه بغير ناغي جي هي عمل ڪريو: ٻنهي هٿن جون ٽِريون ڦهلائي ٽئي قُل شريف (يعني سُوْرَۃُ الْاِخْلَاص، سُوْرَۃُ الْفَلَق ۽ سُوْرَۃُ النَّاس) هڪ هڪ ڀيرو پڙهي ڪري انهن تي دَم ڪري مٿي، چهري، ڇاتي ۽ اڳيان پويان جيستائين هٿ پهچي پوري بدن تي ڦيريو. پوءِ ٻيون ڀيرو ۽ وري ٽيون ڀيرو به انهيءَ طرح ڪريو. اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ ان جو فائدو پاڻ ئي ڏسي وٺندا.

## جادو جا ٻه روحاني علاج

﴿15﴾ لَآ اِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ 101 ڀيرا پڙهي ڪري جنهن تي جادو ڪيو ويو هجي ان تي دَم ڪيو وڃي يا اهو لکي ڪري ڌوئي پياريو وڃي ته اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ جادو جو اثر ختم ٿي ويندو.

﴿16﴾ مريض جي مٿي کان پيرن جي آڱوٺي تائين آسماني رنگ جا ڌاڳا ماپي وٺو، ان ڌاڳن کي به ڀيرا ته ڪري وٺو، هاڻي ڌاڳي جي چيڙي تي هڪ ڍَري ڳنڍ لڳايو پوءِ هڪ ڀيرو سُوْرَۃُ الْفَلَق پڙهي ان ڳنڍ تي ڦوڪ هڻو ۽ فورًا ڇِڪي وٺو، اهڙي طريقي سان يارنهن ڳنڍيون لڳائڻ کان پوءِ ڌاڳي کي پڙڪنڊڙ ڪوئلن ۾ وجهي ڇڏيو. (گيس جي چُلهي تي ٺَئو وغيره رکي ان تي به ساڙي سگهو ٿا) جيڪڏهن جادو هوندو ته بدبو ايندي، جيستائين بدبو ايندي رهي روزانو هڪ ڀيرو هي عمل ڪندا رهو، اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ جادو جو اثر ختم ٿي ويندو.

**فرمانِ مُصطفٰے** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو-** (طبراني)

## فالج ۽ لَقوه جا 2 روحاني علاج

﴿17﴾ لَآ اِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ 11 ڀيرا نئين پليٽ تي لکي ڪري پيئڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ لَقوه کان نجات ملندي.

﴿18﴾ يَا اَللّٰهُ 100 ڀيرا سمهڻ وقت پڙهڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ شياطين جي شرارت گڏوگڏ فالج ۽ لقوي جي آفت کان حفاظت ٿيندي.

**لقوي جو ديسي علاج:** مغز آريٺا حسبِ ضرورت (پنساري جي دُڪان تان وٺي پيهي ونو، هاٿي خالص ماکي وجهي چٽي جي برابر گوريون ٺاهي ڇڏيو، هڪ هڪ گوري صبح ۽ شام نيم گرم چانهه سان استعمال ڪريو. ڪجهه ڏينهن يا ڪجهه هفتن يا ڪجهه مهينن جي استعمال سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ شِفا نصيب ٿي ويندي.

## هيپاٽائيٽس جو روحاني علاج

﴿19﴾ هر ڀيري بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط سان گڏ سُوْرَةُ قُرَيْش هڪ ڀيرو (اوّل ۽ آخر 11 ڀيرا دُرود شريف) پڙهي (يا پڙهائي) آبِ زم زم شريف يا ان پاڻي ۾ جنهن ۾ آبِ زم زم شريف جا ڪجهه قطرا شامل هجن دَم ڪيو ۽ روزانه صُبح، منجهند ۽ شام پي ڇڏيو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ 40 ڏينهن جي اندر اندر شفا ياب ٿي ويندا.

(صرف هڪ ڀيرو دَم ڪيل پاڻي ڪافي آهي حسبِ ضرورت وڌيڪ پاڻي ملائي ڇڏيو)

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ اُن تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

## يرقان (JAUNDICE) جا 4 روحاني علاج

﴾20﴿ ننڍي ٻارن کي **يرقان** (پيليا، JAUNDICE) تي ويو هجي ته هر ڀيري بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم سان گڏ سُوْرَةُ الْفَاتِحَه 21 ڀيرا پڙهي بصر تي دَم ڪري ان جي ڳلي ۾ پارائي ڇڏيو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ شفا حاصل ٿي ويندي.

﴾21﴿ سُوْرَةُ الْبَيِّنَه لکي تعويذ ٺاهي ڳلي ۾ پارائي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ **يرقان** ختم ٿي ويندو.

﴾22﴿ سَبَّحَ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۚ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ۝۱ (پ:28، الحشر: 1) 101 ڀيرا پڙهي پاڻي تي دَم ڪري پيارڻ **يرقان** جي لاءِ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ نهايت مفيد رهندو.

﴾23﴿ يَا حَسِيْبُ 300 ڀيرا پڙهي پاڻي تي دَم ڪري ايڪيهه (21) ڏينهن تائين پيارڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ يرقان کان شفا حاصل ٿيندي.

## ڏندن جي سُور جا 2 روحاني علاج

﴾24﴿ سُوْرَةُ يٰسٓ جي هي آيت: سَلٰمٌ ۟ قَوْلًا مِّنْ رَّبٍّ رَّحِيْمٍ ۝۵۸ تي ڀيرا پڙهي پنهنجي آڱر تي دَم ڪري ڏندن تي مَليو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ سُور ختم ٿي ويندو.

﴾25﴿ يَا اَللّٰهُ 7 ڀيرا ڪاغذ تي لکي (يا لکرائي) تعويذ وانگر ويڙهي (بهتر هي آهي ته پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪرائي) ڏاڙ جي هيٺان دٻائڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڏاڙ جو سُور ختم ٿي ويندو.

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو آن کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.** (مجمع الزوائد)

**ڏاڙ جي سُور جو ديسي نسخو:** مَهارُن ۾ سُور يا سوڄ هجي، گند ايندو هجي تہ تقريبًا 5 گرام ڦِٽڪي کي هڪ گلاس پاڻي ۾ گرم ڪري ونو ۽ جڏهن ڦٽڪي پگهرجي پاڻي ۾ ملي وڃي تہ ان کي ڏاڙن ۽ مهارن تي مَلي ڇڏيو مهارن ۾ سُور هجي يا سوڄ هجي يا گند ايندو هجي تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ فائدو ٿي ويندو.

## ﴿26﴾ ڏندن جي سُور جو اِڪسير (لازمي اثر ڪندڙ) عمل

جيڪڏهن ڏندن ۾ گهڻو سُور هجي تہ باوضو سُوْرَةُ قُرَيْش 21 ڀيرا پڙهي لوڻ تي دَم ڪيو ۽ اهو لوڻ سُور واري ڏند تي مَلي ڇڏيو ۽ ڏندن جي وچ ۾ رکو ڏينهن ۾ بہ ٽي ڀيرا هي عمل ڪرڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ فائدو ٿي ويندو.

## ﴿27﴾ پِتي ۽ مثاني جي پٿري جو روحاني علاج

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ 46 ڀيرا سادي ڪاغذ تي لکي ڪري پاڻي ۾ ڌوئي پيئڻ سان پِتّي ۽ مَثاني جي پٿري اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ذرا ذرا ٿي نڪري ويندي. (مُدّتِ علاج: شفا حاصل ٿيڻ تائين)

## ڪچي پپيتي جي ذريعي گُرِدي ۽ پِتي جي پٿري جو علاج

**ڪچي** پپيتي تي سفيد يا ڪارو لوڻ ۽ ٿورا پيِنل ڪارا مِرچ هٽي ڇڏيو ۽ ڏينهن ۾ ٽي ڀيرا (تقريبًا ڏهہ ڏهہ گرام) چڱي نموني چٻاڙي کائو، چٻاڙڻ مشڪل هجي تہ پيِهي ڪري بہ استعمال ڪري سگهو ٿا. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ گُرِدي (۽ پِتّي) جي پٿري نڪري ويندي. گهڻي

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

مقدار ۾ نه کائو چو جو هي وزني (ڳرو) هئڻ جي سبب دير سان هضم ٿيندو آهي (جڏهن ته ٻين شين کي جلدي هضم ٿيڻ ۾ مدد ڪندو آهي).

## گُڙدي ۽ پيشاب جي بيمارين جا 3 روحاني علاج

﴿28﴾ وَ قِيْلَ يٰۤاَرْضُ ابْلَعِيْ مَآءَكِ وَ يٰسَمَآءُ اَقْلِعِيْ وَ غِيْضَ الْمَآءُ وَ قُضِيَ الْاَمْرُ وَ اسْتَوَتْ عَلَى الْجُوْدِيِّ وَ قِيْلَ بُعْدًا لِّلْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۴۴﴾ (پ: 12، هُود: 44) ٿورو ٿورو پيشاب بار بار ايندو هجي ته ان جي لاءِ هن مبارڪ آيتن کي لکي (يا لکرائي) ٻانهن ۾ ٻڌي وٺڻ يا ڳلي ۾ پائي ڇڏڻ سان اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ شفا حاصل ٿيندي.

﴿29﴾ هڪ ڀيرو دُرود شريف پڙهي هر ڀيري بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ سان گڏ سُوْرَةُ اَلَمْ نَشْرَحْ 7 ڀيرا وري آخر ۾ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي دَم ڪري وٺو، اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ گُڙدي جو سُور ختم ٿي ويندو.

﴿30﴾ گُڙدن جي بيماري جي سبب پيشاب ٿورو ٿورو ايندو هجي يا پيشاب ۾ ساڙو يا سُور ٿيندو هجي ۽ ڪا دوا اثر نه ڪندي هجي ته بارش جي پاڻي تي باوضو هر ڀيري بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ سان گڏ سُوْرَةُ اَلَمْ نَشْرَحْ يارنهن ڀيرا پڙهي دَم ڪري ڇڏيو ۽ ڏينهن ۾ چار ڀيرا (صبح ناشتي کان پهرين، ٻنپهرن جي وقت، عَصر کان بعد ۽ سمهڻ وقت) ٿي ٿي ڍڪ اُهو پاڻي پيئو. هر ڀيري پيئڻ کان پهرين 7 ڀيرا درودِ

**ابراھيم** پڙھي ونو. اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ گُڙدي جي بيماري ۽ پيشاب جو ساڙو وغيره ختم ٿي ويندو.

## گُڙدي جي بيماري جي لاءِ طِبّي نسخو

روزانو صبح نيراني تي گرام مني سوڊا پاڻي سان استعمال ڪريو (طبيب جي اجازت سان)، اُچ ھجي يا نہ ھجي وڌ کان وڌ پاڻي استعمال ڪريو. يارنھن ڏينھن ۾ اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ آرام اچي ويندو. جيڪڏھن مرض پراڻو آھي تہ 41 ڏينھن تائين اھو علاج ڪريو.

## پيشاب ۾ رت اچڻ جو روحاني علاج

﴿31﴾ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ ھُوَ اللّٰہُ الۡخَالِقُ الۡبَارِئُ الۡمُصَوِّرُ لَہُ الۡاَسۡمَآءُ الۡحُسۡنٰی ؕ یُسَبِّحُ لَہٗ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ ۚ وَ ھُوَ الۡعَزِیۡزُ الۡحَکِیۡمُ ﴿۲۴﴾ (پ 28، الحشر24)

ڪڏھن مثاني يا گُڙدي ۾ پٿري جي سبب يا گرم تاثير وارين شين جي وڌيڪ استعمال سان پيشاب ۾ رت اچڻ لڳندي آھي. ۽ پڻ ڳاڙھي مرچن جو گھڻو استعمال پيشاب ۾ ساڙو پيدا ڪندو آھي. مريض کي گھرجي تہ گرم تاثير وارين شين ۽ ڳاڙھن مرچن کان پرھيز ڪري. ھر بن ڪلاڪن کان پوءِ اوّل آخر ٽي ٽي ڀيرا دُرود شريف سان گڏ مٿي ڏنل آيتِ مبارڪ ٽي ڀيرا پڙھي پاڻي تي دَم ڪري پي ڇڏي. (مُدّتِ علاج: شفا حاصل ٿيڻ تائين)

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته اهو ماڻهن ۾ ڪنجوس ترين شخص آهي.(ترغيب وترهيب)**

## دُن جو روحاني علاج

﴿32﴾ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝ سَلٰمٌ ۟ قَوۡلًا مِّنۡ رَّبٍّ رَّحِيۡمٍ ۝۵۸ (پ23، يٰس: 58)

ڪاغذ تي باوضو لکي (يا لکرائي) پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪرائي ڪپڙي وغيره ۾ سِبي دُن تي اهڙي طرح ٻڌو جو دُن کان هيٺ نه وڃي، اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ شفا حاصل ٿيندي.

## احتلام جا ۳ روحاني علاج

﴿33﴾ سُوۡرَۃُ نُوۡح سمهڻ وقت هڪ ڀيرو پڙهي ڪري پنهنجي مٿان دَم ڪري ڇڏيو، اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ احتلام نه ٿيندو.

﴿34﴾ سمهڻ وقت دل جي جڳهه تي شهادت جي آڱر سان "ياعمر" لکڻ جي عادت ٺاهيو اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ شيطان جي دَخل کان محفوظ رهندي احتلام کان بچندا.

## اکين جي بيماري جا 3 روحاني علاج

﴿35﴾ يَا شَكُوۡرُ جيڪڏهن اکين جي روشني گهٽ ٿي وئي هجي ته 41 ڀيرا پڙهي پاڻي تي دَم ڪري اکين تي هي پاڻي مَليو.
(مُدّتِ علاج: شفا حاصل ٿيڻ تائين)

﴿36﴾ نظر ڪمزور ٿي وڃي يا ختم ٿي وڃي ته يَا رَحۡمٰنُ يَا رَحِيۡمُ يَا اَللّٰهُ يَا سَلَامُ 41 ڀيرا (اوّل آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي ٻنهي هٿن ۾ پاڻي ڪٽي دَم ڪيو ۽ مُنهن تي هٿو ۽ اکين تي مَليو اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ فائدو ٿيندو. (مُدّتِ علاج: مسلسل 7 ڏينهن)

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ اُن تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

**مدني ڦُل**: مُنهن تي هٿڻ وقت ڪو پاڪ ڪپڙو وغيره وڇائي ونو ته جيئن دَم ڪيل پاڻيءَ جي بي ادبي نه ٿئي.

﴿37﴾ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِؕ هر نماز ڪان پوءِ ٽي ڀيرا پڙهي آڱر تي دَم ڪري پنهنجي اکين تي لڳايو. هي عمل سڄي عُمر جاري رکو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ نظر جي ڪمزوري ختم ٿيندي ۽ اکيون ۽ ڪاري موتيي کان به حفاظت رهندي.

## ڪن جي سُور جو روحاني علاج

﴿38﴾ يَا سَمِيْعُ 21 ڀيرا (اوّل آخر ٽي ڀيرا درود شريف) پڙهي مريض جي ٻنهي ڪنن ۾ ڦُوڪ هڻي ڇڏيو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ **ڪَن جي سُور** مان ڇوٽڪارو ملندو. (مُدّتِ علاج: شفا حاصل ٿيڻ تائين)

## نزلي زڪام جو روحاني علاج

﴿39﴾ هر ڀيري بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِؕ سان گڏ سُوْرَةُ الْفَاتِحَه ٽي ڀيرا (اوّل آخر ٽي ڀيرا درود شريف) پڙهي ٽي ڏينهن تائين روزانو مريض تي دَم ڪيو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ **نزلي زُڪام** کان نجات حاصل ٿيندي.

## ﴿40﴾ دل جي ڌڙڪن وڌي وڃڻ جو روحاني علاج

سُوْرَةُ يٰسٓ جي هي آيت: سَلٰمٌ قَوْلًا مِّنْ رَّبٍّ رَّحِيْمٍ ﴿۵۸﴾ 101 ڀيرا، اوّل آخر ٽي ڀيرا درود شريف پڙهي (يا پڙهائي) ڪنهن کائڻ يا پيئڻ واري شيءِ تي دَم ڪري کائي يا پي ڇڏيو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ شفا ملندي.

(مُدّتِ علاج: شفا حاصل ٿيڻ تائين)

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهانِ جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.(جامع صغير)**

## ﴿41﴾ دل جي سُوراخ جو روحاني علاج

لَآ اِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ 75 ڀيرا پڙهي دل ۾ سوراخ واري بار گڏوگڏ **گهٻراهٽ،** دل ۾ چاتيءَ جي تمام مريضن جي ڇاتي تي دَم ڪرڻ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ مفيد آهي.

## نظرِ بد جا 3 روحاني علاج

﴿42﴾ لَآ اِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ 60 ڀيرا پڙهي ڪري دَم ڪريو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ نظرِ بد جو اثر ختم ٿي ويندو.

﴿43﴾ هر شيءِڪائڻ ڪان پهريان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ پڙهڻ جو عادي اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ نظرِ بد ڪان محفوظ رهندو.

## نظرءِ سُور جو روحاني علاج

﴿44﴾ يَا حَيُّ يَا قَيُّوْمُ 786 ڀيرا ڪاغذ تي لکي (يا لکرائي) تعويذ وانگر ويڙهي پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪرائي ريگزين يا ڪپڙي وغيره ۾ سِبي ٻانهن ۾ ٻَڌي يا ڳلي ۾ پائي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه تَعَالٰي نظرِ بد جو اثر ختم ٿي ويندو. جنهن جي **هٿن پيرن** ۾ سُور هجي ان جي لاءِ بہ هي تعويذ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ مفيد آهي.

## نظرءِ هر قسم جي شرڪان ٻارن جي حفاظت جي لاءِ

﴿45﴾ با وُضو هر ڀيري بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ سان گڏ ٽي ٽي ڀيرا سُوْرَةُ الْفَاتِحَه ، سُوْرَةُ الْاِخْلَاص، سُوْرَةُ الْفَلَق ۽ سُوْرَةُ النَّاس (اول آخر ٽي ڀيرا درود شريف) پڙهي ٻارن تي دَم ڪريو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

ٻار نظر وغيره لڳڻ کان محفوظ رهندا. (هي عمل روزانه صبح ۽ شام يعني ڏينهن ۾ ٻه ڀيرا ڪرڻو آهي)

## مرگهي جا 3 روحاني علاج

﴿46﴾ لَآ اِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ 66 ڀيرا روزانه پڙهي مريض تي دَم ڪيو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ فائدو ٿيندو. ان کان علاوه بُخار، نزلي، زڪام، کنگهه هر قسم جي سُور ۽ اکين جي بيمارين جي لاءِ به هي روحاني علاج مُفيد آهي. (مُدّتِ علاج: شفا حاصل ٿيڻ تائين)

﴿47﴾ يَا اَللّٰهُ يَا رَحْمٰنُ 40 ڀيرا هڪ ساهه ۾ پڙهي جنهن کي مِرگهي جو دورو پيو هجي ان جي ڪن ۾ دَم ڪريو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ فورًا هوش ۾ اچي ويندو.

﴿48﴾ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط سان گڏ سُوْرَةُ الشَّمْس پڙهي مِرگهي واري جي ڪن ۾ ڦوڪ هڻڻ تمام مفيد آهي.

## مٿي جا وار ڇڻڻ جو روحاني علاج

﴿49﴾ باوُضو هر ڀيري بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط سان گڏ سُوْرَةُ الَّيْل 41 ڀيرا پڙهي ڪري سَرنهن يا ناريل جي تيل جي بوتل تي دَم ڪري ڇڏيو، روزانو سمهڻ وقت مٿي تي ان تيل جي مالش ڪريو. ڪجهه ڏينهن مالش ڪرڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ مٿي جا وار ڇڻڻ بند ٿي ويندا. ڏاڙهي جا وار ڇڻندا هجن ته ان جي لاءِ به هي عمل مفيد آهي. (ضرورتًا انهيءَ بوتل ۾ ٻيو تيل شامل ڪري سگهو ٿا)

www.dawateislami.net

**فرمان مُصطفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ اُن تي سؤ رحمتون نازل فرمائي ٿو-** (طبراني)

## گنج ختم ڪرڻ جو عمل

زيتون جي تيل ۾ ماڪي هڪ چمچو ۽ پيئل دار چيني اڌ چمچو ملائي گنج تي لڳايو. ڪجهه عرصو مسلسل استعمال ڪرڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ نوان وار نڪرڻ شروع ٿي ويندا.

## سوڄ جو روحاني علاج

﴿50﴾ جيڪڏهن بدن تي ڪٿي سوڄ ٿي وئي هجي ته لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ 67 ڀيرا لکي (يالکرائي) پاڻ وٽ رکو يا تعويذ ناهي پائي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ سوڄ ختم ٿي ويندي.

## موذي مرض کان حفاظت جو روحاني نسخو

﴿51﴾ لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ 76 ڀيرا ڪاغذ وغيره تي لکي (يا لکرائي) آبِ زم زم شريف سان ڌوئي پيئڻ وارو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ **مُوذي مرض** کان محفوظ رهندو.

## چيلهه جي سُور جو روحاني علاج

﴿52﴾ فجر جي سنّتن ۽ فرض جي درميان هر ڀيري بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم سان گڏ 41 ڀيرا سُوْرَةُ الْفَاتِحَه پڙهو(مُدّتِ علاج: شفا حاصل ٿيڻ تائين) هڪ صاحب جو چوڻ آهي: ”اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون اهو روحاني علاج ڪيو ته منهنجي **چيلهه جو سُور ختم** ٿي ويو“.

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان ِجو درود مون تائين پهچي ويندو آهي.** (طبراني)

# اڌ ۽ پوري مَٿي جي سُور جا 5 روحاني علاج

﴿53﴾ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط پڙهي مٿي تي دَم ڪيو اِنۡ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سُور ختم ٿي ويندو اهو ئي ڪاغذ تي لکي تعويذ ناهي مٿي تي بَڌڻ سان بہ اِنۡ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ فائدو ٿي ويندو.

﴿54﴾ يَا سَلَامُ 11 ڀيرا پڙهي دَم ڪريو، 3 يا 7 يا 11 ڀيرا اهڙي طرح پڙهي دَم ڪريو، اِنۡ شَآءَ اللّٰه تعالٰي 11 ڀيرا مڪمل ٿيڻ کان اڳ ئي اڌ مٿي جو سُور ختم ٿي ويندو، هي عمل پوري مٿي جي سُور لاءِ بہ اِنۡ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ مُفيد آهي.

﴿55﴾ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰه 65 ڀيرا نمازِ عَصر کان پوءِ پڙهي مٿي تي دَم ڪرڻ سان اڌ ۽ پُوري جسم جو سُور اللّٰه پاڪ جي ڪرم سان ختم ٿي ويندو.

﴿56﴾ زبان تي هڪ چِپٽي لوڻ رکي 12 منٽن کان پوءِ هڪ گلاس پاڻي پي ڇڏيو مٿي ۾ ڪيترو ئي سُور ڇو نہ هجي اِنۡ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ فائدو ٿي ويندو. (هاءِ بلڊپريشر جا مريض هي علاج نہ ڪن ڇو تہ انهن جي لاءِ لوڻ جو استعمال نقصانڪار هوندو آهي)

﴿57﴾ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰهِ رَبِّ الۡاَرۡضِ وَالسَّمَآءِ ط بِسۡمِ اللّٰهِ الَّذِىۡ بِيَدِهٖ شِفَآءٌ ط بِسۡمِ اللّٰهِ الَّذِىۡ لَا يَضُرُّ مَعَ اسۡمِهٖ شَىۡءٌ فِى الۡاَرۡضِ وَلَا فِى السَّمَآءِ وَهُوَ السَّمِيۡعُ الۡعَلِيۡمُ ط مريض جي مٿي تي هٿ رکي ٽي ڀيرا يا ست ڀيرا هي دُعا پڙهي مٿي تي دَم ڪيو. اِنۡ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ شفا حاصل ٿيندي.

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي- (ابويعلي)

# متي جي سُور، چڪراچڻ ۽ دماغي ڪمزوري جو روحاني علاج

﴿58﴾ اُسْكُنْ سَكَّنْتُكَ بِالَّذِيْ لَهٗ مَا فِي الَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ط جنهن جي متي ۾ سُور هجي يا چڪر ايندا هجن ان جي متي تي سُور جي جڳهه تي هٿ رکي هي ڪلمات ست ڀيرا پڙهي متي تي ڦُوڪ هڻي ڇڏيو. اسلامي ڀيڻ پاڻ پنهنجي متي تي سُور جي جڳهه تي هٿ رکي ۽ ان جو محرم يا گهروارو پڙهي ڦوڪ هڻي، مريض ڪان پُڇي ونو، جيڪڏهن اجا سُور باقي هجي ته ٻيهر هي عمل ڪريو، ڪجهه ڀيرا ڪرڻ سان اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ متي جو سُور ختم ٿي ويندو ۽ دماغي ڪمزوري ختم ٿيندي پر دماغي ڪمزوري جي لاءِ ضروري آهي ته هي عمل روزانو ڪنهن هڪ ئي وقت ۾ (مثلاً روزانو ڏينهن جي 12 وڳي) ست ڏينهن تائين مسلسل ڪيو وڃي.

# ديني امتحان ۾ ڪاميابي جي لاءِ

﴿59﴾ ديني مدرسي جو طالبِ علم، امتحان ۾ ڪاميابي جي لاءِ پنجن نمازن ڪان بعد باوضو هر ڀيري بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط سان گڏ سُوْرَةُ الْاِخْلَاص 16 ڀيرا پڙهي ۽ پوءِ الله تعالٰي ڪان امتحان ۾ ڪاميابي جي دُعا گهُري، اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ ان کي ڪاميابي حاصل ٿيندي. هي عمل پنهنجي وطن ۾ يا بيرونِ ملڪ ۾ جائز ملازمت حاصل ڪرڻ جي لاءِ انٽرويو ۾ ڪاميابي جي لاءِ به اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ ڪارآمد آهي.

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو- (طبراني)

## آفتن، بيمارين، بيروزگارين جا ۾ روحاني علاج

﴿60﴾ يَاسَلَامُ: اٿندي، ويهندي، گهمندي، ڦرندي، باوضو پڙهندا رهو، اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ مرضن ۽ آفتن کان نجات ملندي ۽ روزي ۾ برڪت ٿيندي.

﴿61﴾ دائمي مريض هر وقت يَامُعِيْدُ پڙهندو رهي، اللہ رَبُّ الْعِزّت صحت عنايت فرمائيندو.

## گهرواري کي نيڪ نمازي بڻائڻ جي لاءِ

﴿62﴾ گهروارو بُري عادت جو شڪار هجي ۽ گهر ۾ هر وقت جهڳڙو ٿيندو هجي ته زال هر ڀيري بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ سان گڏ يارنهن ڀيرا سُوْرَةُ الْفَاتِحَه پڙهي پاڻي تي دَم ڪري پوءِ پنهنجي گهرواري کي پياري، اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ مڙس نيڪي جي رستي تي گامزن ٿي ويندو. (گهرواري بلڪ ڪنهن کي به ان عمل جي خبر نه پوي نه ته غلط فهمي جي سبب پريشاني تي سگهي ٿي) جڏهن به موقعو ملي هي عمل ڪيو وڃي، دَم ڪيل پاڻي کُولر ۾ موجود پاڻي ۾ به وجهي سگهجي ٿو، بيشڪ گهرواري کان علاوه ٻيا گهر ياتي به ان مان پيئن، ضرورتًا ٻيو پاڻي به کُولر ۾ وجهندا رهو.

## ڪينسر جا 4 روحاني علاج

﴿63﴾ اوّل آخر يارنهن ڀيرا درود ابراهيم ۽ وچ ۾ ”سُوْرَةُ مَرْيَم“ پڙهي پاڻي تي دَم ڪريو، ضرورتًا ٻيو پاڻي ملائيندا رهو، مريض اهو پاڻي

سڄو ڏينهن پيئي، هي عمل چاليهه ڏينهن تائين بلا ناغه ڪندا رهو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ شفا حاصل ٿيندي. (ٻيو ڪو به پڙهي دَم ڪري مريض کي پياري سگهي ٿو)

﴿64﴾ هي آيتِ ڪريمه: اَلَا یَعْلَمُ مَنْ خَلَقَ ؕ وَ هُوَ اللَّطِیْفُ الْخَبِیْرُ۠ (پ29، الملک: 14) 2022 ڀيرا (اوّل آخر 11 ڀيرا درود شريف) پڙهي ڪينسر جي مريض تي دَم ڪريو پاڻي ۾ دَوا تي به دَم ڪري پياريو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ گهڻو فائدو ٿيندو. (مُدّتِ علاج: شفا حاصل ٿيڻ تائين)

﴿65﴾ ست ڏينهن تائين روزانو باوضو يَا رَقِیْبُ 100 ڀيرا (اوّل آخر 11 ڀيرا درود شريف) پڙهي ڪينسر جي مريض تي دَم ڪيو، جيڪڏهن زخم هجي ته ان تي به دَم ڪيو جيڪڏهن ڪينسر جو زخم جسم جي اندروني حصي يا پردي جي جڳهه تي هجي ته زخم جي جڳهه تي ڪپڙي جي مٿان دَم ڪريو. جيڪڏهن جسم تي ٻاهران زخم آهي ته سرنهن جي تيل تي به دَم ڪري ڇڏيو ۽ اهو تيل مريض زخم تي لڳائيندو رهي، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ زخم صحيح ٿي ويندو ۽ ڪينسر ختم ٿي ويندي.

﴿66﴾ ڪينسر چاهي ڪهڙي به قِسم جي هجي، هڪ ڪلو زيتون جي تيل ۾ 100 گرام هيڊ چڱي طرح پچائي، ڇاڻي رکي ڇڏيو، مريض هر غذا کان بعد ويهه ويهه قطرا پيئي ۽ مٿان ٿورو گرم پاڻي پي وٺي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ فائدو ٿيندو.

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.** (مجمع الزوائد)

## روزانه پستا کائو ۽ پاڻ کي ڪينسر کان بچايو

**هڪ** جديد تحقيق جي مطابق روزانه مناسب مقدار ۾ پستا کائڻ سان ڦڦڙن ۽ ٻين ڪيترن ئي قِسمن جي ڪينسرز جو خطرو گهٽ ٿي ويندو آهي. ڪينسر تي ڪم ڪرڻ واري هڪ ”امريڪي ايسوسي ايشن“ جي تحت ٿيڻ واري تحقيق جي مطابق پستي ۾ وٽامن E جو هڪ خاص قسم هوندو آهي جنهن جي ذريعي ڦڦڙن سميت ڪيترن ئي قِسمن جي ڪينسرز جي خلاف مدافعتي (مُدا + فَ + عَتي) نظام (Immune System Strong) حاصل ڪري سگهجي ٿو.

## حافظي جي قوّت جي لاءِ چار وِرد

﴿67﴾ يَا قَوِیُّ 11 ڀيرا، پنجن ئي نمازن کان بعد مٿي تي ساڄو هٿ رکي پڙهو. (جنتي زيور ص 605)

﴿68﴾ رات جو سمهڻ وقت يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِکْرَامِ تي ڀيرا پڙهي 3 بادامن تي دَم ڪريو، هڪ بادام انهيءَ وقت، هڪ صبح نيراني ۽ هڪ ٻنپهرن جي وقت کائو. والدين بہ اهو عمل ڪري ٻارن کي کارائي سگهن ٿا. (مدت: 21 ڏينهن)

﴿69﴾ لَآ اِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ 564 ڀيرا پڙهي ڪري الله تَعَالٰي جي بارگاهه ۾ حفظ ۾ آساني جي دعا ڪريو، ڪوشش جاري رکڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ **قرآن ڪريم حفظ** ٿي ويندو.

www.dawateislami.net

﴿70﴾ يَا حَيُّ يَا قَيُّوْمُ هڪ پيرو ڪاغذ تي لکي تعويذ ناهي ٻانهن ۾ ٻَڌي ڇڏيو يا ڳلي ۾ پائي ڇڏيو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ نِسيان (ويسر) جي بيماري کان ڇوٽڪارو حاصل ٿيندو.

﴿71﴾ يَا عَلِيْمُ 7 پيرا ۽ هر پيري بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم سان گڏ سُوْرَةُ اَلَمْ نَشْرَح 21 پيرا پڙهي پاڻي تي دَم ڪري جنهن ٻار يا وڏي جو حافظو ڪمزور هجي ان کي پياريو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ **حافظو** مضبوط ٿي ويندو.

## زال ۽ مڙس ۾ محبت

﴿72﴾ جيڪڏهن مڙس سان زال گهٽ محبت ڪندي هجي ته مڙس روزانو نمازِ عصر کان بعد باوضو وات ۾ مِصري جو ننڍو ٽُڪرو رکي يَا وَدُوْدُ 101 پيرا (اوّل آخر 3 پيرا درود شريف) پڙهي پنهنجي زال جو تصور ٻَڌي ان جي ڇاتيءَ تي دَم ڪري. جيڪڏهن مڙس گهٽ محبت ڪندو هجي ته زال اهو عمل ڪري. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ زال مڙس هڪ ٻئي سان محبت ڪرڻ لڳندا. (هي عمل صرف زال مڙس جي محبت جي لاءِ آهي ان لاءِ چپ چاپ ڪرڻو آهي نه ئي زال مڙس هڪٻئي کي ٻُڌائين نه ڪنهن ٻئي کي خبر پوي جو غلط فهمي جي سبب نقصان ٿي سگهي ٿو)

## ٻار جي ذهني ڪمزوري جو روحاني علاج

﴿73﴾ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم 786 پيرا (اوّل آخر 3 پيرا درود شريف) پڙهي (يا پڙهائي) هڪ بوتل پاڻي تي دَم ڪري رکي ڇڏيو، ۽ اهو پاڻي

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي جمعہ جي ڏينهن درود شريف پڙهندو قيامت جي ڏينهن مان ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)**

روزانو صبح نيراني ۽ سمهڻ وقت ٻار کي پياريندا رهو، ضرورتًا ٻيو پاڻي ملائيندا رهو، اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ **ذهن روشن** ٿي ويندو.
(مُدّتِ علاج: مُراد حاصل ٿيڻ تائين)

## اپينڊڪس جو روحاني علاج

﴿74﴾ آيَةُ الكُرسِی 11 ڀيرا ۽ **يَا عَظِيْمُ** 7 ڀيرا (اوّل آخر 3 ڀيرا درود شريف) پڙهي هڪ چپٽي لوڻ تي دَم ڪري ان کي پاڻي ۾ وجهي پي ڇڏيو. هي عمل ڏينهن ۾ ٽي ڀيرا ڪريو. اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ **اپينڊڪس** ختم ٿي ويندو.

## مرگهي جي دوري جو روحاني علاج

﴿75﴾ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ الٓمّٓصٓ طٰسٓمّٓ كٓهٰيٰعٓصٓ يٰسٓ وَالْقُرْاٰنِ الْحَكِيْمِ حٰمٓ عٓسٓقٓ نٓ وَ الْقَلَمِ وَ مَا يَسْطُرُوْنَ باوُضو ٽي ڀيرا پڙهي مريض تي دَم ڪريو. اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ مرگهي جو دورو ختم ٿي ويندو.

## نظر جو روحاني علاج

﴿76﴾ هڪ ڀيرو سُوْرَةُ الْكَوْثَر پڙهي ٻار جي ساڄي ڳل تي دَم ڪريو. ٻيو ڀيرو سُوْرَةُ الْكَوْثَر پڙهي کري کابي ڳل ۽ ٽيون ڀيرو پڙهي ان جي پيشاني تي دَم ڪريو اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ نظر لهي ويندي. (شروع ۾ ٽي ڀيرا دُرود شريف هڪ ڀيرو اَعُوذ ۽ هر ڀيري سُوْرَةُ الْكَوْثَر کان پهريان پوري بِسْمِ اللّٰه پڙهڻي آهي)

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن جمعه جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا.** (كنز العمال)

﴿77﴾ ٽي ڀيرا بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ پڙهي ست ڀيرا هي دُعا:

بِسۡمِ اللّٰهِ، اَللّٰهُمَّ اَذۡهِبۡ حَرَّهَا وَبَرۡدَهَا وَوَصَبَهَا پڙهي جنهن کي نظر هجي ان تي دَم ڪريو، اِنۡ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ نظر لهي ويندي.

﴿78﴾ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ست ڀيرا، هڪ ڀيرو آية الكرسى، ٽي ڀيرا سُوۡرَةُ الۡفَلَقِ، ٽي ڀيرا، سُوۡرَةُ النَّاسِ (فَلَق ۽ ناس ڪان پهريان هر ڀيري پوري بِسۡمِ اللّٰهِ پڙهڻي آهي) اوّل آخر هڪ ڀيرو دُرودِ پاڪ پڙهي ٽي عدد ڳاڙهن مرچن تي دَم ڪريو. پوءِ ان مرچن کي مريض جي مٿي جي چوڌاري 21 ڀيرا گهمائي چُلهي ۾ وجهي ڇڏيو. اِنۡ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ نظر جو اثر ختم ٿي ويندو.

## بلڊپريشر جا ٻه ديسي علاج

﴿1﴾ 4 عدد ڪڙي پتا هڪ ڪپ پاڻي ۾ پوري رات پسايو، صبح نيراني چار مان ٻه پتا چٻاڙي کائي ڇڏيو ۽ مٿان اهو ئي پاڻي پي ڇڏيو. (باقي ٻه ڪڙي پتا ڀوڄ وغيره ۾ استعمال ڪري ڇڏيو) اِنۡ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ صرف هڪ هفتي ۾ بلڊپريشر نارمل ٿي ويندو بلڪ هڪ ئي ڏينهن ۾ فرق محسوس ٿيندو. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ ان علاج سان بلڊپريشر جي مريض جي چهري تي ٻه رونق اچي ويندي آهي.

﴿2﴾ ضرورت مطابق ڪريلا ڪٽي ڪري ٻج سميت خشڪ ڪري وٺو، پوءِ پيهي ڪري پاؤڊر ناهي ڇڏيو. صبح ۽ شام اڌ اڌ چمچي کائڻ سان اِنۡ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ شوگر، بلڊپريشر ۽ ڪوليسترول نارمل ٿي ويندو. (مُدّتِ علاج: شفا حاصل ٿيڻ تائين
(

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نه پڙهي.** (حاڪم)

## فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| درود شريف جي فضيلت | 1 | عيادت جا 7 مدني گل | 19 |
| بيمار عابِد | 1 | بيماري ۽ ڪوڙ | 19 |
| بيماري تمام وڏي نعمت آهي | 2 | ڪوڙ جا 6 مثال | 20 |
| بيماري ۾ مؤمن ۽ منافق جو فرق | 3 | ڏکن جي باوجود نيڪين سان پرپور | 21 |
| زخمي ٿيندي ئي ڪِلي پيون (حڪايت) | 4 | مزاج پُرسي جي جواب ۾ ڪوڙ | 23 |
| مُصيبت لڪائڻ جي فضيلت | 5 | اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى كُلِّ حَالٍ چوڻ جي نيّت | 24 |
| ڏاڙ ۾ سور جي سبب آئون سمهي نه | 5 | مريض کي تسلي ڏيڻ جي لاءِ ڳالهايا | 24 |
| بيمار جي لاءِ تحفو | 6 | مريض جي ڪوڙ ڳالهائڻ جا 13 مثال | 26 |
| سان بيماري جي فضائل تي 5 فرمانِ | 6 | بيمارين جا 78 روحاني علاج | 27 |
| بغير بيمار ٿئي وفات | 7 | بُخار جا چار رُوحاني علاج | 27 |
| هڪ رات جي بخار جو ثواب | 8 | اهڙي بُخار جو روحاني علاج جيڪو | 28 |
| بخار محشر جي باهه کان بچائيندو | 8 | ننڊَ نه اچڻ جا ٻه رُوحاني عِلاج | 28 |
| بُخار کي بُرو نه چئو | 8 | جانورن جي چڪ هڻڻ ۽ انهن کان | 28 |
| سرڪار کي ٻن مَردن جي برابر بخار | 9 | جنات جي اثرات جا 3 رُوحاني علاج | 29 |
| اسان ڪڏهن به ڪنهن جو بُرو نه | 10 | سمهندي ڪا شيءِ تنگ ڪندي | 29 |
| مريض ۽ ڪلمهء ڪُفر | 10 | جادو جا ٻه روحاني علاج | 30 |
| ثواب جي شوق ۾ گهُري بخار ورتو | 11 | فالج ۽ لَقوه جا 2 روحاني علاج | 31 |
| راهِ خدا ۾ مٿي جي سُور جي | 12 | هيپاٽائيٽس جو روحاني علاج | 31 |
| طالبِ علمِ دين ۽ مدني قافلن جي | 12 | يرقان (JAUNDICE) جا 4 روحاني علاج | 32 |
| مٿي جي سُور جي شڪراني ۾ 400 | 13 | ڏندن جي سُور جا 2 روحاني علاج | 32 |
| بخار ۽ مٿي جو سور مُبارڪ مَرض آهن | 13 | ڏندن جي سُور جو اِڪسير (لازمي) | 33 |
| جنتي خاتون (حڪايت) | 14 | پِتّي ۽ مٿاني جي پٿري جو روحاني | 33 |
| دوا به سنّت آهي ۽ دعا به | 14 | ڪچي پپيتي جي ذريعي گُڙدي ۾ | 33 |
| مِرگهي جو روحاني علاج | 15 | گُڙدي ۽ پيشاب جي بيمارين جا 3 روحاني | 34 |
| نَس چڙهي وڃڻ جي فضيلت | 16 | گُڙدي جي بيماري جي لاءِ طِبّي نسخو | 35 |
| پيٽ جي بيماري ۾ مرڻ جي فضيلت | 16 | پيشاب ۾ رت اچڻ جو روحاني علاج | 35 |
| ڪجهه بيمارين ۾ مرڻ وارو شهيد | 16 | ڏُن جو روحاني علاج | 36 |
| مريض جي عِيادت جو ثواب | 17 | احتلام جا ٻه روحاني علاج | 36 |
| بيمار کي دُعا جي لاءِ چئو | 17 | اکين جي بيماري جا 3 روحاني علاج | 36 |
| عِيادت ڪرڻ وقت جي هڪ سنّت | 18 | ڪن جي سُور جو روحاني علاج | 37 |


www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجوَ نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.** (طبراني)


| | | | |
|---|---|---|---|
| عِيادت ۾ ست ڀيرا پڙهڻ جي دُعا | 18 | نزلي زڪام جو روحاني علاج | 37 |
| دل جي ڌڙڪن وڌي وڃڻ جو روحاني | 37 | گهرواري کي نيڪ نمازي بڻائڻ جي | 43 |
| دل جي سُوراخ جو روحاني علاج | 38 | ڪينسر جا 4 روحاني علاج | 43 |
| نظرِ بد جا 3 روحاني علاج | 38 | روزانہ پستا کائو ۽ پاڻ کي ڪينسر | 45 |
| نظر ۽ سُور جو روحاني علاج | 38 | حافظي جي قوّت جي لاءِ چار وِرد | 45 |
| نظر ۽ هر قسم جي شر کان ٻارن جي | 38 | زال ۽ مڙس ۾ محبت | 46 |
| مرگهي جا 3 روحاني علاج | 39 | ٻار جي ذهني ڪمزوري جو روحاني | 46 |
| مٿي جا وار ڇڻڻ جو روحاني علاج | 39 | اپنڊڪس جو روحاني علاج | 47 |
| گنج ختم ڪرڻ جو عمل | 40 | مرگهي جي دوري جو روحاني علاج | 47 |
| سوڄ جو روحاني علاج | 40 | نظر جو روحاني علاج | 47 |
| موذي مرضن کان حفاظت جو روحاني | 40 | بلڊپريشر جا ٻہ ديسي علاج | 48 |
| چيله جي سُور جو روحاني علاج | 40 | مٿي جي سُور، چڪر اچڻ ۽ دماغي | 42 |
| اڌ ۽ پوري مَٿي جي سُور جا 5 روحاني | 41 | ديني امتحان ۾ ڪاميابي جي لاءِ | 42 |
| آفتن، بيمارين، بيروزگارين جا ٻہ روحاني | 43 | ★★★★★ | |


## ماخذ و مراجع


| ڪتاب | مطبوعہ | ڪتاب | مطبوعہ |
|---|---|---|---|
| قرآن مجيد | | الترغيب والترهيب | دار الكتب العلمية بيروت |
| بخاری | دار الكتب العلمية بيروت | المجالسة | دار الكتب العلمية بيروت |
| مسلم | دار ابن حزم بيروت | احياء العلوم | دار صادر بيروت |
| ابو داؤد | دار احياء التراث العربى بيروت | عيون الحكايات | دار الكتب العلمية بيروت |
| ترمذی | دار الفكر بيروت | منہاج القاصدين | دار التوفيق دمشق |
| ابن ماجہ | دار المعرفة بيروت | ردالمحتار | دار المعرفة بيروت |
| موطا امام مالک | دار المعرفة بيروت | ملفوظات اعلیٰ حضرت | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی |
| مسند امام احمد | دار الفكر بيروت | بہار شریعت | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی |
| معجم ا وسط | دار الكتب العلمية بيروت | مرأۃ المناجیح | ضیاء القرآن پبلی کیشنز مرکز الاولیاء لاہور |
| مسند البزار | مكتبة العلوم و الحكم مدينه منوره | جنتی زیور | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی |
| شعب الايمان | دار الكتب العلمية بيروت | 152رحمت بھری حکایات | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی |
| المستدرك | دار المعرفة بيروت | وسائل بخشش(مرمم) | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ کراچی |
| الفردوس بمأثور الخطاب | دار الكتب العلمية بيروت | ★★★★★ | ★★★★★ |


www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

# قرآن وسارڻ جو عذاب

يقيناً قرآن ڪريم حِفظ ڪرڻ تمام وڏي ثواب جو ڪم آهي پر ياد رهي! حِفظ ڪرڻ آسان پر سڄي عمر هن کي ياد رکڻ ڏکيو آهي. حافظن ۽ حافظات کي گهرجي تہ روزانو گهٽ ۾ گهٽ هڪ سيپارو لازمي تلاوت ڪن. جيڪي حافظ رَمَضانُ المُبارَڪ جي آمد کان ٿورو عرصو پهريان فقط تراويح پڙهائڻ جي لاءِ منزل پڪي ڪندا آهن ۽ ان کان علاوه مَعَاذَاللهعَزَّوَجَلَّ سڄو سال غفلت جي سبب ڪيئي آيتون وساري ويهندا آهن، اهي بار بار پڙهن ۽ خوفِ خُدا کان ڏڪن. **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **جيڪو شخص قرآن پڙهي پوءِ ان کي وساري ڇڏي تہ قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ سان ڪوڙهي ٿي ملندو.**“ (ابو داود حديث 1474) صدرُ الشَّريعہ، بدرُ الطَّريقہ حضرتِ علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِى فرمائن ٿا:قرآن پڙهي وساري ڇڏڻ گناهہ آهي. جيڪو قراني آيت ياد ڪرڻ کان پوءِ وساري ڇڏيندو بروزِ قيامت **انڌو** اٿاريو ويندو. (بهار شريعت ج1 ص 553) **اعليٰ حضرت** امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: ان کان وڌيڪ نادان ڪير آهي جنهن کي خدا اهڙي همت بخشي ۽ اهو ان کي پنهنجي هٿن سان ضايع ڪري ڇڏي جيڪڏهن قدر ان (قرآن ڪريم جي حِفظ) جو ڄاڻي ها ۽ جيڪو ثواب ۽ درجا ان تي موعُود آهن (يعني جن جو واعدو ڪيو ويو آهي) انهن کان واقف هجي ها تہ ان کي تمام گهڻو عزيز (پيارو) رکي ها. وڌيڪ فرمائن ٿا: جيستائين ٿي سگهي هن جي پڙهائڻ ۽ حِفظ ڪرائڻ ۽ پاڻ ياد رکڻ جي ڪوشش ڪري تہ جيئن اهي ثوابَ جيڪي ان تي موعُود (يعني واعدو ڪيا ويا) آهن حاصل ٿين ۽ قيامت جي ڏينهن **انڌو ڪوڙهي** اُٿڻ کان نجات حاصل ڪري. (فتاويٰ رضويہ ج 23 ص 645-647)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# بزرگن جي تذڪري جو ادب

امام احمد بن حَنْبل عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم بيماري جي ڪري ٽيڪ لڳائي وينا هئا، سندن خدمت ۾ ابراهيم بن طَهْمان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جو ذڪرِ خير ٿيو تہ فوراً سڌا ٿي ويهي رهيا ۽ فرمائڻ لڳا: صالحن جي تذڪري جي وقت ٽيڪ لڳائي ويهڻ مناسب ناهي.

(تاريخ بغداد للخطيب البغدادي ج 6 ص 108)





عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي
UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 1262
Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net